

اميج ڊي بوسٽن گلوب تان ورتل

## آمريڪا هڪ نئين ’ايسٽ انڊيا ڪمپني‘ آهي؟

# آمريڪا جي اک ۾ ڪنڊي جيان چُڀندڙ وينزويلا

**وينزويلا دنيا ۾ وڏو پيٽرول ايڪسپورٽ ڪندڙ ملڪ آهي، جنهن جي پيداوار سعودي عرب کان بہ وڌي وئي هئي. ان سان گڏ روس، چين، ڪيوبا ۽ ايران بہ ان جا اتحادي آهن. وينزويلا وٽ تيل جا اٽڪل 303 ارب بيرل ذخيرا آهن. عالمي تيل جي پيداوار ۾ ان جو حصو 18 کان 20 سيڪڙو آهي. وينزويلا 2011ع ۾ سعودي عرب کان بہ وڌيڪ تيل جي پيداوار عالمي مارڪيٽ ۾ آندي هئي. ٻي معدنيات بہ هِن ملڪ وٽ آهي، تنهن ڪري آمريڪا ڪي هِن ملڪ جا قدرتي وسيلا ڪپن ٿا. تڏهن هو وينزويلا جي سوشلسٽ حڪومت جو خاتمو آڻي پنهنجي ڪٺ پتلي حڪومت آڻڻ چاهي ٿو.**

الهہ بخش راٺوڙ

آمريڪي صدر ٽرمپ، جيڪو دنيا ۾ پاڻ امن جو چئمپين ثابت ڪرڻ جو تاثر ڏئي رهيو آهي، اهو لاطيني آمريڪا جي انتهائي سگهاري ملڪ وينزويلا کي ”فتح“ ڪرڻ جا خواب ڏسي رهيو آهي. ٽرمپ لاءِ مشهور آهي تہ هو دنيا جي ڪنڊڪڙڇ ۾، جتي بہ معدني ۽ قدرتي وسيلن تي نظروجهي ٿو، اتان جي سمورن وسيلن کي پنهنجي قبضي ۾ آڻڻ چاهي ٿو. هيءَ دنيا جي ٻي ايسٽ انڊيا ڪمپني آهي، جيڪا پهريان دنيا جي وسيلن تي قبضا ڪري ٿي، ان ڪانپوءِ حڪومتي تبديليءَ لاءِ رستو هموار ڪري ٿي. تازو آمريڪا پنهنجا جنگي ٻيڙا ڪيريبين سمنڊ ۾ موڪليا تہ جيئن، بقول انهن جي، منشيات جي چرپر کي روڪي سگهجي، پر هيءُ اصل ۾ وينزويلا جي سوشلسٽ صدر نڪولس مادورو جي حڪومت تي دٻاءُ وجهي رهيو آهي تہ جيئن حڪومتي تبديلي لاءِ رستو صاف ٿئي، يا آمريڪا کي وينزويلا جي وسيلن تي قبضي جو موقعو فراهم ڪجي. ٽرمپ وينزويلا ۾ پنهنجي مرضيءَ جي حڪومت بہ چاهي ٿو، جيڪا آمريڪا جي معاشي ۽ سياسي سهولت ڪاري ڪري.

لاطيني آمريڪا جو ملڪ وينزويلا، جتي بولووين سوشلزم آهي، اهو سمورو اسپينش خطو، مشهور گوريلا اڳواڻ چي گويرا کان متاثر آهي. ان سان گڏ وينزويلا آمريڪا کان 22 سئو ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي آهي، جتي روس، چين، ڪيوبا ۽ ايران جو اثر آهي، انڪري ٽرمپ نہ چاهيندو تہ سندس لاءِ خطرو بڻجندڙ ملڪ، سندن ملڪ جي ويجهو اچن.

هينئر وينزويلا جي دفاعي نظام ۾ روسي ميزائل ۽ ٻيا هٿيار اهميت لائق آهن. انهن جي ذريعي آمريڪا کي ڏيجاري يا سرحدن کان پري رکي سگهجي ٿو. وينزويلا لاءِ خطري جهڙي ڳالهہ اها آهي تہ ان جا پاڙيسري ملڪ آمريڪا کي اڏا ڏئي چڪا آهن، جتان آمريڪا حملو ڪري سگهي ٿو. پر جيڪڏهن آمريڪا منشيات جي خاتمي جي نالي ۾ ڪو اڳ وڌندڙ قدم کنيو تہ اهو علائقو نئين سرد جنگ جي وڪڙ ۾ اچي ويندو.

آمريڪا ۽ ويزويلا جي صورتحال تي نظر رکندڙن جو خيال آهي تہ صدر ٽرمپ، وينزويلا تي حملي ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏئي مادورو حڪومت کي ڪمزور ڪرڻ چاهي ٿو. اهڙين ڌمڪين ڪانپوءِ وينزويلا جا 70 لک شهري لڏپلاڻ ڪري هليا ويا آهن. هي ساڳيو وينزويلا آهي، جتان جي مخالف ڌر جي اڳواڻ کي هلندڙ سال امن جو نوبيل انعام بہ ڏياريو ويو هو. ان سان دنيا جو ڌيان لاطيني آمريڪا جي هن اهم ملڪ ڏانهن ويو ۽ هاڻ ٽرمپ هن علائقي ۾ سامونڊي جنگي چرپر شروع ڪري ڇڏي آهي. اهي جن امن جو نوبيل انعام ڏيڻ وقت هنبوڇيون هنيون پئي تہ، مخالف ڌر جي اڳواڻ انساني حقن لاءِ جاکوڙيندي رهي آهي، اها پاڻ آمريڪي ايڪشنز تي خوش ٿي رهي آهي. هوءَ پنهنجي ئي ملڪ تي امڪاني آمريڪي حملي جي اڻ سڌي طرح حمايت ڪري رهي آهي.

وينزويلا جو مسئلو اهو آهي تہ، آمريڪا 2019ع ۾ وقتي صدر خوان گوائيڊو مقرر ڪرڻ وقت ان جي حمايت ڪئي، پر جلد ملڪ تي اقتصادي پابنديون لاڳو بہ ڪيون، تہ جيئن ڪميونسٽ نڪولس مادورو تي دٻاءُ وجهي سگهجي. 2025 جي وچ ڌاري وينزويلا جي حڪومت، آمريڪي دٻاءُ گهٽائڻ لاءِ روس ۽ ايران سان توانائي ۽ دفاعي معاهدا ڪيا. ان سان گڏ چين بہ وينزويلا جي ويجهو اچي ويو. ان صورتحال ٽرمپ کي باهہ لڳائي ڇڏي. هاڻ ٽرمپ، صدر مادورو جي حڪومت جو خاتمو ڪرڻ لاءِ منشيات جا اڏا هجڻ جو جواز پيش ڪري رهيو آهي، جنهن تي دنيا حيران آهي.

آمريڪي صدر کي اهو اندازو هوندو تہ وينزويلا، نہ ايران آهي، نہ ڪي ڪيوبا. هي دنيا ۾ وڏو پيٽرول ايڪسپورٽ ڪندڙ ملڪ آهي، جنهن جي پيداوار سعودي عرب کان بہ وڌي وئي هئي. ان سان گڏ روس، چين، ڪيوبا ۽ ايران بہ ان جا اتحادي آهن.

وينزويلا وٽ تيل جا اٽڪل 303 ارب بيرل ذخيرا آهن. عالمي تيل جي پيداوار ۾ ان جو حصو 18 کان 20 سيڪڙو آهي. وينزويلا 2011ع ۾ سعودي عرب کان بہ وڌيڪ تيل جي پيداوار عالمي مارڪيٽ ۾ آندي هئي. هي اوپيڪ جو انتهائي اهم ميمبر آهي. جيڪڏهن آمريڪا ان تي حملو ڪيو تہ دنيا ۾ تيل جي قيمتن ۾ ريڪارڊ اضافو ٿي ويندو، جنهن جو نقصان آمريڪا کي بہ ٿيندو. وينزويلا جي، جي ڊي پي 85 ارب ڊالرن جي آهي. تيل،گيس، سون ۽ ايلومينيم جا وڏا ذخيرا هتي موجود آهن. ان جو واپار چين، روس، ڀارت، ترڪي ۽ ڪيوبا سان آهي. ملڪ ۾ مهانگائيءَ جي شرح 200 سيڪڙو آهي. جڏهن تہ 850 هزار بيرل تيل روزانو ڪڍيو وڃي ٿو.

سياسي تجزيي نگارن جو خيال آهي تہ، آمريڪا، وينزويلا جي حڪومت کي انڪري تبديل ڪرڻ چاهي ٿو جيئن هُو اتان جي تيل جي اسٽريٽجڪ خزاني کي آسانيءَ سان استعمال ڪري سگهي. آمريڪي تيل ڪمپنيون بہ ٽرمپ جي حمايت ڪري رهيون آهن تہ جيئن انهن جو مستقبل روشن ٿي سگهي ۽ آمدنيءَ جو نئون ذريعو ڳولي سگهجي. وينزويلا وٽ هيوي ڪريوڊ آئل آهي، جنهن کي صاف ڪرڻ لاءِ خاص ٽيڪنالوجي ۽ موڙيءَ جي ضرورت آهي ۽ اها ٽيڪنالوجي روس توڙي چين وٽ آهي، ان سان گڏ وينزويلا ايران جي ٽيڪنيڪل مدد بہ ڪري ٿو.

وينزويلا جي اڳوڻي صدر هيوگو شاويز جي هن ملڪ جي آبادي تہ ٽن ڪروڙن جي لڳ ڀڳ آهي، پر ايراضيءَ جي لحاظ کان اهو هڪ وڏو ملڪ آهي. ان جي اتر ۾ ڪيريبين سمنڊ آهي، جتي آمريڪي جنگي ٻيڙا لنگر انداز ٿيا آهن. اوڀر ۾ گيانا آهي، جنهن آمريڪا کي فوجي اڏا فراهم ڪيا آهن. ڏکڻ ۾ برازيل آهي، جيڪو پڻ تيل سان مالا مال آهي، ۽ اهو بہ نہ چاهيندو تہ آمريڪا اهڙو قدم کڻي، جنهن سان خطي ۾ عدم استحڪام پيدا ٿئي. ان جي اولهہ ۾ ڪولمبيا آهي، جنهن آمريڪا تي زور ڀريو آهي تہ، اهو احتياط کان ڪم وٺي.

وينزويلا جي خاصيت اها آهي تہ، اتان جي 90 سيڪڙو جي لڳ ڀڳ آبادي شهرن ۾ رهي ٿي. هتي اسپينش نسل جا مقامي ماڻهو آباد آهن. ان سان گڏ آفريقي ۽ مسٽيزو بہ آهن. اڪثر آبادي عيسائي مذهب جي آهي.


آمريڪا، جنهن يو ايس ايس جارج ايڇ بش ڪيريئر اسٽرائيڪ گروپ، جيڪو نيول جنگي ٻيڙو آهي، ان کي ڪيريبين سمنڊ ۾ بيهاريو آهي، ۽ ان ۾ ايٽمي آبدوز بہ آهن. آمريڪي فضائيہ جا جاسوس جهاز بہ سامونڊي علائقي ۾ لامارا ڏئي رهيا آهن. ان جي باوجود آمريڪي صدر ٽرمپ چئي ٿو تہ، هو وينزويلا تي حملو ڪرڻ نٿو چاهي. وينزويلا جي حڪومت آمريڪي خطري کي سامهون رکندي روسي ميزائلن کي الرٽ ڪيو آهي، تہ جيئن امڪاني حملي کي منهن ڏئي سگهجي.

هيءَ بلڪل اهڙي صورتحال آهي، جڏهن 1960ع ۾ آمريڪي ڌمڪين ڪانپوءِ ڪيوبا روسي ميزائل نصب ڪندي آمريڪا کي للڪاريو هو. خطرو هو تہ ڪٿي آمريڪي شهرن کي نشانو نہ بڻايو وڃي. هينئر بہ خطرو آهي تہ جيڪڏهن جنگ جهڙي صورتحال پيدا ٿي تہ دنيا جون اهي ملڪ هڪٻئي جي آمهون سامهون هوندا. ان سان رڳو علائقي اندر استحڪام خراب نہ ٿيندو، پر عالمي سطح تي روس بہ ميدان ۾ ڪاهي پوندو. هاڻ روسي صدر پيوٽن بيان ڏنو آهي تہ، هينئر ان وٽ جديد ايٽمي هٿيار تيار آهن، جيڪي آمريڪي ريڪارڊ ٽوڙي سگهن ٿا. آمريڪا کي اهو سمجهہ ۾ ايندو هوندو تہ جيڪڏهن ايران جيان، وينزويلا کي ڌمڪايو يا ان تي حملو ڪيو ويو تہ روس بہ جواب ڏيڻ لاءِ تيار هوندو. روس جي مداخلت ئي ايران تي آمريڪي ۽ اسرائيلي حملي کي ٽاريو هو. هينئر بہ ساڳئي نوعيت جي صورتحال جنم وٺي رهي آهي.

وينزويلا جو صدر، جنهن قوم کي خطاب ڪندي چيو تہ، آمريڪا، سندس ملڪ جي خودمختياري تي حملي جو بهانو ڳولي رهيو آهي، پر هو ڪنهن بہ صورت ۾ آمريڪي غلامي کي قبول نہ ڪندا. عالمي برادري بہ ٽرمپ تي زور ڀريو آهي تہ اهو حملن جي غلطي نہ ڪري. ائين ڪرڻ سان خطي جي صورتحال خراب ٿيندي. ڪنهن بہ ملڪ خلاف، ڪنهن سنجيدهہ الزام جي صورت ۾ حملي جي منظوري گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل کي ڏيڻي آهي، جنهن ۾ روس ۽ چين وٽ ويٽو پاورز آهن، جيڪي آمريڪا کي اهڙي اجازت ڏئي نٿا سگهن. ان سان گڏ يورپي يونين جا بہ ڪيترائي ملڪ توڙي جو وينزويلا تي اقتصادي پابنديون لاڳو ڪري چڪا آهن، پر اهي بہ حملي جي حمايت نہ ڪندا. تنهن ڪري نظر اهو اچي رهيو آهي تہ هينئر وينزويلا تي آمريڪي حملي جا ففٽي ففٽي چانسز آهن. ■


يووال هريري


2021ع ۾ امن جو نوبيل انعام کٽيندڙ ماريہ ريسا


برطانيا جي اڳوٽي قدامت پسند پارليامينٽ جو رڪن ۽ عالم روري اسٽيورٽ

## مصنوعي ذهانت ۽ تبديل ٿيندڙ منظرنامو

# دنيا جي ڏاهن جي نئين دور بابت فڪر انگيز گفتگو

**اهو سوچي سگهجي ٿو تہ ايندڙ ٻہ سئو سالن ۾ اسين ڪٿي هونداسين؟ پر هڪ لمحي لاءِ اچو تہ رڳو ايندڙ ويهہ سالن متعلق سوچيون. جڏهن اسان دنيا متعلق سوچيون ٿا تہ. اسان ان ڪي اڪثر سليڪون ويلي جي حوالي سان ڏسون ٿا ۽ سوچيون ٿا تہ. اسان جو آئندو ستارن جي واٽ آهي ۽ ايلن مسڪ مريخ ڏانهن روانو ٿي ويو آهي. ايندڙ ڏهاڪن ۾ شايد انسانن جي ڪل تعداد جو اڌ يعني ڪروڙين ماڻهو روزانو ٻہ ڊالر کان گهٽ ۽ اربين ماڻهو پنج ڊالر کان گهٽ جي آمدني تي گذر بسر ڪري رهيا هوندا. اهم شيءِ اها تہ تڪرارن جي نوعيت بدلجي رهي آهي. ڏسو تہ غزه ۽ ڪنهن حد تائين يوڪرين ۾ ڇا ٿي رهيو آهي. جنهن نموني دولتمند ملڪ پنهنجن پاڙيسرين کي نقصان پهچائي رهيا آهن، پر موٽ ۾ انهن کي پنهنجو ڪو جوکم ناهي.**



رئوف نظاماڻي

هن وقت دنيا ۾ رڳو ٽيڪنيڪي لحاظ کان تبديليون نہ پيون اچن ۽ مصنوعي ذهانت انسان ذات لاءِ هڪ چئلنج ناهي ٿي، پر ساڳئي وقت ان ڳالهہ تي پڻ بحث ٿي رهيو آهي تہ. دنيا جي سياست ۽ طور طريقن ۾ پڻ ڪهڙيون تبديليون اچي رهيون آهن. تازو گارجيئن ان سلسلي ۾ تاريخدان يووال هريري، امن جي نوبيل انعام يافتہ؛ فليپينو آمريڪي صحافي ماريہ ريسا ۽ برطانيا جي اڳوٽي قدامت پسند پارليامينٽ جي رڪن ۽ عالم، روري اسٽيورٽ کي گڏ ويهاري ڪائنڻ اهو پڇيو تہ. ”هن وقت دنيا جي ڇا صورتحال آهي ۽ اسان ڪيڏانهن پيا وڃون؟“ ان بحث جا ڪجهہ نتيجا هي هئا.

پهريون سوال اهو هو تہ. بهتر زندگي ڪيئن گذاري سگهجي ٿي؟ اهو سوال هزارين سالن کان بحث هيٺ رهيو آهي. موجوده دور جي لبرلزم ۽ جمهوريت جي خاص ڳالهہ اها آهي تہ. ان سلسلي ۾ ماڻهو مختلف خيال رکن ٿا، پر هڪٻئي سان اختلاف رکڻ جي باوجود اهي پنهنجي ورتاءَ متعلق ڪجهہ بنيادي ڳالهين تي راضي ٿي گڏ رهن ٿا. اهو هميشہ کان هڪ چئلنج رهندو آيو آهي تہ. جيڪي ماڻهو ۽ نظريا اهو سمجهن ٿا تہ. ان سلسلي ۾ وٽن ڪو قطعي حل موجود آهي، اهي ان کي ٻين تي ٿاڦڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. بدقسمتيءَ سان گهڻي ڀاڱي ماڻهن لاءِ انهن ڳالهين تي پاڻ عمل ڪرڻ بدران ٻين تي ٿاڦڻ سولو هوندو آهي. جيڪڏهن اسان وچئين دور جي عيسائين جي صليبي جنگين کي ڏسون تہ. اها خبر پوندي تہ اهي ماڻهو پاڻ تہ پيار، محبت ۽ پنهنجي پاڙيسريءَ سان محبت ڪرڻ وارن عيسائي اصولن تي عمل نہ ڪندا هئا، پر هزارين ميل هلي ٻين تي اهي ٿاڦڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. هن وقت اسان ساڳي ڳالهہ ڏسون پيا.

ٻي عالمي جنگ کانپوءِ لبرلزم جي نظرئي جنم ورتو، جنهن جو اهم عنصر جمهوريت هو ۽ ماڻهن جا ناتا قانون ۽ اصولن تي ٻڌل هئا، جتي انساني حقن جو لحاظ هو ۽ ٿورائي گهڻائي جي جبر کان آجي هئي. اهو سمجهيو پئي ويو تہ اها ئي انسان جي منزل آهي، پر پوءِ اهو سڀڪجهہ بدلجڻ شروع ٿي ويو. هن وقت اسان اهڙي دنيا ۾ آهيون، جتي جمهوريت بدران هڪ عوامي آمريت حاوي آهي، آزاد تجارت بدران پابندين ۽ ٽيرف واري دنيا آهي. اصولن واري دنيا بدران اڪيلائي آهي ۽ طاقتور کي جيڪو وڻي سو اهو ڪري ٿو، جڏهن تہ سهڻ ڪمزور جو نصيب آهي. ان سڀڪجهہ کي سوشل ميڊيا ۽ مصنوعي ذهانت جي پٺڀرائي حاصل آهي.

وڏو سوال اهو آهي تہ. آيا اسان اهڙي دنيا ۾ رهي سگهون ٿا، جتي اصولن ۽ قانونن جي ڪا اهميت نہ رهي آهي. ٽيڪنالوجي سان لاڳاپيل وڏيون ڪمپنيون ماڻهن تي نظر رکي رهيون آهن. اسان انفرادي طور بہ انهن جي نشاني تي آهيون. دنيا جا سڀ پنج ئي وڏا مذهب اهو چون ٿا تہ. اصل ويڙهہ ماڻهوءَ جي پنهنجي اندر نيڪي ۽ بديءَ وچ ۾ آهي. سادي ڳالهہ آهي تہ ٻين سان اهو ورتاءُ ڪيو، جنهن جي اوهان انهن مان پاڻ سان ٿيندڙ ورتاءَ جي توقع رکو ٿا. پر هاڻي اهو ڪيئن ممڪن آهي جڏهن اهو طريقو ئي خراب ۽ بگڙجي پيو آهي، جنهن وسيلي اسان جو هڪٻئي سان لاڳاپو هو.

موجوده صورتحال ۾ نئين شيءِ اها آهي تہ. هاڻي ٽيڪنالوجيءَ وسيلي ماڻهوءَ کي هيڪ ڪري ان جي اندر جي ويڙهہ کي اهڙو روپ ڏيڻ آهي، جيڪا ڳالهہ وچئين دور ۽ ايستائين جو 20هين صديءَ ۾ بہ ناممڪن هئي. وڏيون ڪارپوريشنس ۽ هر اهو جنهن وٽ نئين ٽيڪنالوجي آهي، اهي انساني خواهشن ۽ خيالن کي ڳولي ۽ تبديل ڪري سگهن ٿا، جيڪا هڪ غيرمعمولي ڳالهہ آهي. 18هين 19هين صديءَ جي لبرل جمهوريت کي اها ڄاڻ نہ هئي تہ ان معاملي کي ڪيئن منهن ڏجي.

ان ڳالهہ جو بہ امڪان آهي تہ ٽيڪنالوجي اسان تي حاوي ٿي وڃي. جيڪڏهن اوهان تهذيب متعلق سوچيندئو تہ ان ۾ روايتي طور عظيم شخصيتن، رول ماڊلس ۽ هيروز متعلق گهڻو ڪجهہ آهي. هيرو ڇا ٿيندو آهي؟ اهو اهڙو شخص آهي، جيڪو انسان جي عمل جي حدن کي وسيع ڪري. اسان سمجهون ٿا تہ اسان اها غير معمولي مخلوق آهيون، جيڪا سائنس، شاعري يا ڊرامي ۾ اهو ڪجهہ ڪري سگهي ٿي، جيڪا ٻي ڪا مخلوق نہ ٿي ڪري سگهي. مصنوعي ذهانت جو عام جوکم اهو آهي تہ. اوچتو اها انسان کان هڪ مٿاهين شيءِ ٿي پيئي آهي. ان موقعي تي جيڪڏهن اها ڪنهن ڪوشش کانسواءِ شاعري ڪري سگهي ٿي يا ڊراما تخليق ڪري سگهي ٿي، تہ پوءِ ڄڻ اوچتو اسان جي حيثيت گهٽجي ويئي آهي.

اها هڪ وڏي ڳالهہ ٿيندي، جيڪڏهين ٽيڪنالوجي، جيڪا ان تبديليءَ کي ممڪن بڻائي رهي آهي، سو سيڪڙو درست هجي. ائين ناهي، پر جيئن تہ اسان معلومات جي مڪمل هئڻ جي اثر هيٺ وڌا ٿيا آهيون، ان ڪري اسان کي بيوقوف ثاهڻ گهڻو سولو آهي، ڇاڪاڻ تہ جڏهن اوهان ان کي لکت ۾ ڏسو ٿا تہ اوهان سمجهو ٿا تہ اها درست آهي، جنهن نموني سان مصنوعي ذهانت کي اسان جي سماج ۾ آندو ويو آهي، اها ڳالهہ حقيقتن کان بلڪل ڌار آهي. يووال پنهنجي ڪتاب ۾ ڄاڻايو آهي تہ. معلومات حقيقتن تي ٻڌل نہ پر ڪهاڻيون آهن، جيڪي اسان ٻڌايون ٿا، پر حقيقت اسان جي گڏيل ميراث آهي.

هڪ سوال آهي تہ. ڇا ماڻهو بنيادي طور چڱا هوندا آهن يا بنيادي طور خراب هوندا آهن؟ اهو هڪ انتهائي مذهبي سوال لڳي ٿو، پر اڄوڪي دور ۾ جڏهن اسان ماحوليات ۽ غير جمهوري اڳواڻن کي چونڊڻ وغيره جهڙا ڪم ڪيون ٿا تہ ان مان لڳي ٿو تہ. انسانيت ڏانهن پلائي وارو جذبو مانيٽو ٿي ويو آهي. اسان جنگ جي ميدانن ۾ ماڻهن کي هڪٻئي کي ماريندي ڏٺو آهي، پر ساڳئي وقت قدرتي آفتن وقت انهن کي هڪٻئي جي سهائتا ڪندي بہ ڏٺو آهي. آمريتن جي دور ۾ بہ اسان ان ڪري باقي رهندا آهيون تہ. ماڻهو جدوجهد ڪندڙن کي سڀڪجهہ ڏيڻ لاءِ تيار هوندا آهن ۽ هن وقت اها ئي شيءِ داوَ تي لڳل آهي.

هڪ اهم مشاهدو اهو آهي تہ. چڱائيءَ جو ذهانت سان ڪو ويجهو تعلق ناهي. مصنوعي ذهانت موجوده دور جي اهم ترين ٽيڪنالوجي آهي. ان اهو وساري ڇڏيو آهي تہ. ذهانت چڱائي يا ايستائين تہ ڏاهپ جي بہ ڪا ضمانت آهي. اوهان جيڪڏهن انساني تاريخ جي وسيع منظر تي نظر وجهندئو تہ اوهان کي نظر ايندو تہ ذهانت ۽ همدردي يا ايستائين تہ حقيقت جي واضح تصور جو پاڻ ۾ ڪو سڌو ناتو ناهي. انسان ساڳئي وقت هڪ پاسي هن ڌرتيءَ جي ذهين ترين مخلوق آهي، پر ساڳئي وقت خود فريبيءَ جو شڪار پڻ آهي. انسان ان بيوقوفيءَ تي يقين


ٽائيٽل تي ڏنل وينزويلا ۽ مظاهري وارين تصويرون گوگل تان ورتل



18آڪٽوبر 2025 تي آمريڪا ۾ ٽرمپ جي بادشاهت جي خلاف ٿيل احتجاج جو هڪ منظر

ڪندو، جنهن تي ڪوبہ باندر، هاٿي يا ڪوئو ڪڏهن يقين نہ ڪندو. اسان هڪ اعليٰ ذهانت جي تخليق ڪري رهيا آهيون ۽ ان ۾ ڪوبہ شڪ ناهي تہ اها ساڳئي وقت هڪ اعليٰ نموني جي خود فريبي پڻ هوندي.

اهو سوچي سگهجي ٿو تہ ايندڙ ٻہ سئو سالن ۾ اسين ڪٿي هونداسين؟ پر هڪ لمحي لاءِ اچو تہ رڳو ايندڙ ويهہ سالن متعلق سوچيون. جڏهن اسان دنيا متعلق سوچيون ٿا تہ، اسان ان کي اڪثر سليڪون ويلي جي حوالي سان ڏسون ٿا ۽ سوچيون ٿا تہ، اسان جو آئندو ستارن جي واٽ آهي ۽ ايلن مسڪ مريخ ڏانهن روانو ٿي ويو آهي. ايندڙ ڏهاڪن ۾ شايد انسانن جي ڪل تعداد جو اڌ يعني ڪروڙين ماڻهو روزانو ٻہ ڊالر کان گهٽ ۽ اربين ماڻهو پنج ڊالر کان گهٽ جي آمدني تي گذر بسر ڪري رهيا هوندا.

اهم شيءِ اها تہ تڪرارن جي نوعيت بدلجي رهي آهي. ڏسو تہ غزه ۽ ڪنهن حد تائين يوڪرين ۾ ڇا ٿي رهيو آهي. جنهن نموني دولتمند ملڪ پنهنجن پاڙيسرين کي نقصان پهچائي رهيا آهن، پر موٽ ۾ انهن کي پنهنجو ڪو جوکم ناهي. ان سان گڏ سڄي دنيا ۾ هٿيارن جي هڪ ڊوڙ آهي. يورپ کي ڏسئون تہ ان جي بچاءَ جو خرچ قومي پيداوار جي پنج سيڪڙو جيترو وڌي رهيو آهي. ان سان صحت، تعليم ۽ سماجي ڀلائيءَ جي نظام مان اربين يورو نڪري ويندا. ساڳئي وقت اهي معيشتون ڪنهن سٺي حالت ۾ ناهن ۽ وڏي عمر جي ماڻهن جو تعداد وڌي رهيو آهي. اهڙيءَ ريت ايندڙ ڏهن ويهن سالن ۾ مصنوعي ذهانت تہ ترقي ڪندي، پر ساڳئي وقت دنيا جي حالت وڌيڪ خراب هوندي، آمدني گهٽجي ويندي ۽ جهيڙا وڌي ويندا.

گهڻي مايوسي آهي. ان صورتحال جي واقع ٿيڻ ۾ ويهہ سال نہ لڳندا. فلپائين ۾ هر سال سراسري ويهہ سامونڊي طوفان اچن ٿا. اسان ٻيٽن کي ٻڏندي ڏسئون ٿا ۽ پوءِ اولهہ وارا ان ڳالهہ تي بحث ڪن ٿا تہ آيا موسمياتي تبديلي جو وجود بہ آهي يا نہ؟

صحافت جو موت بس ڇهن مهينن کان سال جي ڳالهہ اهي. انٽرنيٽ ڏينهون ڏينهن خراب ٿيندو پيو وڃي. ان جي باوجود تہ اخباري ادارن کي ان لاءِ ادائيگي ڪرڻي ٿي پئي، پر انهن جي حفاظت جو ڪو انتظام ناهي ۽ اسان جي مواد جو استعمال ڪيو ٿو وڃي. آن لائين دنيا شڪاري ٿي ويئي آهي، جنهن جو عڪس اسان جي موجوده دنيا آهي.

جيڪڏهن اسان جيڪي ڪجهہ ورهين کان ڪري رهيا آهيون، ان کي جذباتي لحاظ کان بيان ڪجي تہ، اهو چئي سگهجي ٿو تہ، اسان هڪ تفڪر ۽ پريشانيءَ جي واپار ۾ ملوث آهيون تہ. مصنوعي ذهانت، موسمياتي تبديلي، جيڪي ڪجهہ بہ آهي، ان متعلق وڌيڪ پريشاني پيدا ڪري رهيا آهيون. هاڻي اسان کي ٻي مختلف رٿا يعني ماڻهن ۾ اعتبار پيدا ڪرڻ ڏانهن پنهنجو ڌيان ڏيڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ جڏهن گهڻي پريشاني هوندي ۽ اوهان ڪنهن تي اعتبار نہ ڪندئو تہ پوءِ اوهان ڪجهہ بہ نہ ڪري سگهندا. اهم ترين ڳالهہ انساني ادارن، ميڊيا ۽ حڪومت ۾ هر جاءِ تي ڀروسي ۽ اعتماد کي بحال ڪرڻ آهي. وڏو سوال اهو آهي تہ اهو سڀ اسان ڪيئن ڪنداسين.

انهن ادارن جي تعمير نو جي ضرورت آهي. حڪومت اسان جي تصور کان وڌيڪ بدترين آهي. لز ٽرس، جيڪا برطانيا جي وزيراعظم ٿي، بنيادي طور اهو سمجهيو ٿي تہ، سندس ڪم انسٽاگرام ۽ مهم هلائڻ آهي ۽ هن ڪنهن بہ پاليسيءَ جي سنجيده معاملي کي تمام گهٽ وقت ڏنو ۽ انهن ماڻهن سان گهڻو هتڪ آميز هئي، جيڪي سنڌس ڪمن جي حقيقي زندگي


اج جو بادشاهہ؟

تي پونڊڙ اثرن متعلق پريشان هئا. سيڪجهہ هڪ راند ٿي پيئي آهي.

اسان ڪيستائين چوندن جي آسري تي رهنداسين، جڏهن تہ دنيا زوال ڏانهن پئي وڃي. اصولن موجب عالمي نظام جي هلڻ جو هڪ ڪارڻ اهو بہ هو تہ ان لاءِ اسان وٽ مصبوط سهارا موجود هئا ۽ اسان چڱائيءَ لاءِ ڪم ڪيو. اسان اڳواڻن مان اها توقع رکي ٿي تہ، اهي لالچ ۽ حوس کان پري هوندا ۽ جيڪڏهن ائين نہ ڪندا تہ صحافي انهن شين کي ظاهر ڪندا. هاڻي لڳي ٿو تہ آمريڪا ڪنهن ٻئي ملڪ متعلق نہ پر رڳو پنهنجي متعلق سوچي ٿو. ان جو ڇا مطلب آهي؟ ڇا ان جو مطلب اهو آهي تہ، اسان هر ان قدرن جي نظام کي ڦٽو ڪيون، جن جي آڌار تي عالمي ادارن جو بنياد پيو آهي. جيڪڏهين طاقتور ترين رڳو پنهنجي لاءِ ڪم ڪندو تہ ان جو مطلب اهو ٿيندو تہ هرڪو رڳو پنهنجي لاءِ ئي آهي.

اوهان هڪ عجيب صورتحال ۾ بادشاهت جي تصور جي وري ظهور کي ڏسندا هوندا. هن وقت جيڪي اڳواڻ سامهون اچي رهيا آهن، اهي 20هين صديءَ جي آمرن کان بلڪل مختلف آهن. اهو ڪو اتفاق ناهي تہ، آمريڪا ۾ ٽرمپ خلاف جيڪي تحريڪون آهن، انهن ۾ هڪ اسان کي بادشاه نہ کپي آهي، ڇاڪاڻ تہ هو جنهن ڳالهہ جو احياءُ ڪري رهيو آهي، اها وچئين دور سان واسطو رکي ٿي. هڪ حيرت ۾ وجهندڙ لمحو صدر ٽرمپ ۽ صدر زيلنسڪي جي وائٽ هائوس ۾ ٿيل گڏجاڻي هئي. هڪ ڳالهہ جيڪا واضح طور سامهون آئي اها تہ، ٽرمپ سياست کي رياستن يا ماڻهن، جيئن آمريڪي، روسي يا يوڪريني ماڻهن وچ ۾ تعلق نہ ٿو سمجهي، هو ان کي شخصيتن، بادشاهن ۽ شاهي خاندانن وچ ۾ تعلق سمجهي ٿو. جڏهن ماڻهو ڪيس چون ٿا تہ، پيوٽن اڳ ۾ بہ ٽاهن جي ڇيڪڙي ڪئي آهي، تہ سندس جواب هجي ٿو تہ، ٺيڪ آهي هن بائيڊن ۽ اوباما سان ڪيل ٽاهن جي ڇيڪڙي ڪئي آهي، مون سان ناهي ڪئي. ان جو اثر اهو

اهي تہ اهو ٽاهہ آمريڪا ۽ روس جي وچ ۾ نہ، پر ٻن شخصن وچ ۾ آهي. آئون جيڪڏهن پيوٽن سان ڪو ٽاهہ ڪيان ٿو تہ. آئون ان ڳالهہ کي يقيني بڻائيندس تہ هو ان ٽاهہ جي پابندي ڪري، پر اهو اوستائين هوندو، جيستائين آئون صدر آهيان. جيڪڏهن اوهان منهنجي جاءِ تي ٻئي ڪنهن کي آڻيندئو تہ اهو ان ٽاهہ جي پڄاڻي هوندو. اها سياست جي هڪ شاهي خاندانن وچ ۾ تعلق جو اچڻ آهي.

جيتوڻيڪ اهو سوچڻ عجيب ٿو لڳي، پر گهڻو عجيب ناهي تہ نواب ٽرمپ پيوٽن جي پوٽي سان شادي ڪري ۽ انهن کي ڪريميا ۽ دونباس پنهنجي بادشاهت جي حصي طور ملي وڃي. ان بادشاهت واري خيال متعلق هڪ ٻي شيءِ اها آهي تہ 20هين صدي ۾ آمر هڪ نظرئي تحت هلندا هئا، جيڪا شيءِ سندن اختيارن کي محدود ڪندي هئي، ڇاڪاڻ تہ فرض ڪيو تہ اوهان هڪ ڪميونسٽ آمر آهيو تہ اوهان کي ڪميونسٽ نظرئي موجب هلڻو پوندو. اوهان پنهنجي مرضي نہ ٿي هلائي سگهيا. ٽرمپ جهڙن نون اڳواڻن لاءِ ڪو نظريو ناهي. جيڪڏهين اوهان ٽرمپ يا اسرائيل ۾ نيتن ياهو جهڙي شخص کي ڏسندا تہ اوهان کي حيرت ٿيندي تہ انهن ماڻهن کي پنهنجي ڪم ڪرڻ جي ڪيتري آزادي آهي.

هڪ ڳالهہ جيڪا ذڪر جوڳي آهي، اُها اها تہ اسان اڳواڻن سان لهہ وچڙ ۾ اخلاقي ٻولي وڃائي وينا آهيون. بنيادي طور منهنجو مطلب آهي تہ ڊونلڊ ٽرمپ ڇا آهي؟ هو هڪ بيشرم ماڻهو آهي. اهو ارسطو يا سيسرو يا ريناژان جي سياسي نظريہ دانن يا درحقيقت آمريڪي آئين جي لکندڙن لاءِ ان سطح جي بيشرمي، ان سطح جي آئين، ٽوراين ۽ سچ لاءِ نفرت، بداخلاقي جي ڪليل ڏيکاءَ جو رڳو تصور ڪرڻ بہ ڏکيو هجي ها. اهو تصور ڪرڻ بہ ڏکيو آهي تہ اسان اهڙي دنيا ۾ داخل ٿي چڪا آهيون، جتي ڪنهن سطح تي سندس روز ڪيل ٿي چار اهڙين شين مان اسان ڏک ۽ صدمي ۾ اچڻ بدران ان مان مزو وٺون ٿا. جڏهن تہ پراڻي دنيا ۾ اهي شيون اسان جو اندر جهوري وجهن ها.

زيلنسڪي سان وائٽ هائوس ۾ ملاقات جي سلسلي ۾ جيڪا ڳالهہ صدمي واري هئي، اها صحافين جو صدر ٽرمپ جي ڳالهہ کي ور ور بريڪنگ نيوز ڪري پيش ڪرڻ هو. جيڪو ڪوڙ هو. ان بدران اهي جيڪو سچ چيو وڃي ٿو تہ، صدر ٽرمپ چيو تہ. ”روس يوڪرين تي حملو ڪيو آهي، صحافت ۾ هاڻي اسان کي تبديل ٿيڻو پوندو“ بدران پوبان بيهي اهو چوڻ جي تہ. هن ائين چيو، اسان کي هاڻي چوڻو پوندو تہ هي همراه ڪوڙ پيو ڳالهائي، ڇاڪاڻ تہ اهي حقيقتون آهن. اسان کي تبديل ٿيڻو پوندو. ڇاڪاڻ تہ اسان رڳو نفعي خاطر نگرانيءَ ۾ نہ ٿا رهي سگهون ۽ نہ ئي پاڻ کي ائين استعمال ٿيڻ ڏيئي سگهون ٿا، ڇاڪاڻ تہ ان سان اسان جي بدترين حصي جي حوصلي افزائي ٿيندي. اسان ٻہ سال اڳ ڳالهہ ٻولهہ جي هڪ ايپ شروع ڪئي. اسان جو مقصد عالمي سطح تي معلومات جو هڪ ماحولياتي نظام قائم ڪرڻ هو، پر اسان پنهنجي خبرن جي تنظيمن کي ماڻهن سان ڳنڍڻ جي ڪوشش ڪئي. ان ريت اسان اڳتي وڌياسين. اسان ٽيڪنالوجيءَ کي پنهنجو ڪيو ۽ جتي اها غلط هئي، ان کي ڇڏي ڏنو. اسان پويان تاريخ کي ڏسئون ٿا تہ اسان کي خبر پوي ٿي تہ سيني مسئلن جي هوندي بہ اسان جمهوريت کان بهتر ڪو نظام آڻي نہ سگهيا آهيون. يقينن اهو سڀ جلد ختم ٿي ويندو، پر اسان کي پنهنجي ويڙهہ جاري رکڻي آهي.

ماڻهن جي گهڻائيءَ کي اهو سمجهڻ گهرجي تہ ڏکيو ڪم اسان کي پاڻ کي ڪرڻو آهي. هتي هڪ اهو لاڙو آهي، جنهن ۾ اهو سمجهيو وڃي ٿو تہ حالتن تي مدارر ڪڻ گهرجي ۽ ڪم پنهنجو پاڻ ٿي ويندو. جيڪڏهين اهڙا ماڻهو آهن، جيڪي بڪواس ڪن ٿا، جيڪي غير عقلي پاليسين جي حمايت ڪن ٿا، جيڪي حقيقتن کي نظرانداز ڪن ٿا تہ زندگيءَ جي حقيقت انهن کان بدلو وٺندي. اصل ۾ تاريخ ان ريت نہ ٿي هلي.

ان ڪري جيڪڏهين اوهان سچائي چاهيو ٿا ۽ چاهيو ٿا تہ حقيقت سوڀاري ٿئي تہ اسان مان هر ڪنهن کي پاڻ ڪجهہ ڏکيو ڪم ڪرڻو پوندو. مطلب ڪنهن شيءِ جي چونڊ ڪري، ان تي ڌيان ڏيڻو پوندو ۽ اها اميد ڪرڻي پوندي تہ ٻيا بہ ان ۾ پنهنجو حصو وجهندا. ان ريت اسان مايوسيءَ جي انتهائن کان بچي سگهون ٿا. ■

ٽي بيءَ سبب هر سال دنيا ۾ هڪ ڪروڙ کان مٿي ماڻهو پنهنجون جانيون وڃائين ٿا

# پاڪستان ۾ ٽي بي جي وڌندڙ بيماري: غربت، غذائي کوٽ ۽ سماجي نابرابري اهم سبب


تصوير گوگل تان ورتل

**صحت جي عالمي اداري موجب پاڪستان ۾ هر سال لڳ ڀڳ 5 لک 10 هزار نوان ٽي بي ڪيس سامهون اچن ٿا، ۽ لڳ ڀڳ 15 هزار ماڻهو دوا_مزاحمتي ٽي بي ۾ مبتلا ٿين ٿا. پاڪستان عالمي سطح تي پنجين نمبر تي آهي، جتي ٽي بي جو بار تمام گهڻو آهي ان سان گڏ ملڪ ۾ MDR_TB جي شرح دنيا ۾ چوٿين نمبر تي آهي. دوا_مزاحمتي ٽي بي جا اهم سبب آهن: دير سان تشخيص، بغير نگرانيءَ جي يا غلط علاج، ناقص دوا، علاج جو صحيح طريقي سان پورو نہ ٿيڻ، ۽ خطري وارن ماڻهن لاءِ سماجي سهائتا جي کوٽ.**



علي نواز راهمون

پاڪستان هن وقت تپ دق (ٽي بي) جي وڏي مسئلي مان گذري رهيو آهي، جتي غربت، غلط يا دير سان تشخيص ۽ سماجي سهائتا جي کوٽ، خاص ڪري ڪمزور ۽ لاچار طبقي لاءِ دوا_مزاحمتي ٽي بي جا ڪيس وڌائي رهيا آهن.

پاڪستان انهن ملڪن ۾ چوٿين نمبر تي آهي، جتي گهڻين دوائن جي مزاحمتي ٽي بي (MDR_TB) جا ڪيس سڀ کان وڌيڪ آهن. افسوسناڪ صورتحال اها آهي تہ دنيا ۾ هندستان، چين، انڊونيشيا ۽ فلپائن کان پوءِ، ٽي بيءَ جو پنجون وڏو بار پاڪستان تي آهي. ان صورتحال جا بنيادي ڪارڻ آهن غربت، ڳاڙهسور، ۽ غذائي کوٽ. ملڪ ۾ لڳ ڀڳ ساڍا 9 ڪروڙ ماڻهو روزانو 3.65 ڊالر کان گهٽ آمدنيءَ تي گذارو ڪن ٿا.

ٽيوبرڪلوسِس جي حوالي سان اسان هڪ ڳنڀير حقيقت سان منهن ڏيون ٿا. جيتوڻيڪ هيءَ بيماري روڪڻ ۽ علاج لائق آهي، پوءِ بہ هر سال هيءَ بيماري 10 لکن کان وڌيڪ انساني جانيون وٺي ٿي. ٽي بي هڪ ڇوت واري بيڪٽيريل بيماري آهي، جيڪا عام طور تي ڦڦڙن کي متاثر ڪري ٿي، پر دماغ، گردن ۽ هڏين تائين بہ پکڙجي سگهي ٿي. 2023ع ۾ صحت جي عالمي اداري (WHO) اندازو لڳايو تہ هڪ ڪروڙ 8 لک ماڻهو ٽي بي ۾ مبتلا ٿيا ۽ لڳ ڀڳ هڪ ڪروڙ کان وڌ ماڻهو ان سبب فوت ٿيا.

گهڻين دوائن جي مزاحمت ڪندڙ ٽي بي (Multidrug_resistant TB) جيڪا ٽي بي جي ٻن سڀ کان طاقتور دوائن جو اثر قبول نٿي ڪري، عالمي صحت جي سلامتي لاءِ هڪ وڏو خطرو بڻجي چڪي آهي. رڳو 5 مان 2 مريض مناسب علاج حاصل ڪن ٿا. هيءَ بيماري خاص طور تي گهٽ ۽ وچولي آمدني وارن ملڪن کي وڌيڪ متاثر ڪري ٿي، ۽ ان جي واڌ کي غذائي کوٽ، سگريٽ نوشي، شگر ۽ ايچ آءِ وي جهڙا خطرا وڌائين ٿا.

جيڪڏهن عالمي سطح تي ڪجھ اڳڀرائي ٿي آهي تہ 2000ع کان وٺي ٽي بي جي خلاف ڪوششن ذريعي 7 ڪروڙ 9 لکن کان وڌيڪ زندگيون بچايون ويون آهن، پر صحت جي عالمي اداري خبردار ڪيو آهي تہ اها اڳڀرائي هاڻي خطري ۾ آهي. فنڊن ۾ شديد گهٽتائيءَ سبب تشخيصي نظام، انساني وسيلن جي ورڇ، ڊيٽا سسٽم ۽ دوائن جي فراهميءَ جا سلسلا متاثر ٿيا آهن. 2023ع ۾ عالمي ٽي بي جي خيال لاءِ گهربل 22 ارب ڊالرن مان صرف 26 سيڪڙو فنڊ موجود هو. ٽي بي تي تحقيق پڻ پوئتي آهي، جتي 2022ع ۾ مقرر ٿيل 5 ارب ڊالرن مان صرف پنجون حصو حاصل ٿي سگهيو.

پاڪستان جي صورتحال تمام ڳڻتي جوڳي آهي. 2024ع جي عالمي ٽي بي جي رپورٽ مطابق، 2023ع ۾ پاڪستان عالمي ٽي بي جي بار جو 6.3 سيڪڙو حصو بڻيو، جيڪو ان کي سڀ کان وڌيڪ ڪيسن وارن ملڪن ۾ شامل ڪري ٿو. پاڪستان عالمي سطح تي انهن ملڪن مان پڻ هڪ آهي، جتي هڪ اندازي موجب ٽي بي جي متاثر ماڻهن ۽ تشخيص ٿيل ڪيسن جي وچ ۾ لڳ ڀڳ 8 سيڪڙو جو وڏو فرق موجود آهي، جيڪو ڪيس جي ڳولا ۾ سنگين مسئلا ظاهر ڪري ٿو.

ان کان علاوه پاڪستان انهن 10 ملڪن ۾ شامل آهي، جتي MDR_TB جي علاج تائين رسائي ۾ سڀ کان وڏي خلا موجود آهي، جيڪا ڳالهه تشخيص، رپورٽنگ ۽ علاج جي عمل ۾ اهم کوٽ کي ظاهر ڪري ٿي. صحت جي شعبي ۾ ڍاڪن جي گهٽ سيڙپ سبب ملڪ جو ٽي بي ڪنٽرول پروگرام اڃا تائين ڊونرز تي ڀاڙيل آهي، جنهن ڪري اها صورتحال تبديل ٿيڻ گهرجي. اسان کي ٽي بي جي تشخيص، علاج ۽ تحقيق ۾ قومي سطح تي سيڙپ وڌائڻي پوندي.

ان سان گڏ صحت جي عالمي اداري جي تجويز ڪيل تيز تشخيصي ٽيسٽن کي وڌائي، رپورٽنگ ۽ نگراني واري نظام کي بهتر بڻائي، ۽ مختصر عرصي واري زباني علاج واري طريقن ، جهڙوڪ (BPaLM) تائين رسائي وڌائي وڃي.

گڏوگڏ ٽي بي جي سنڀال کي بنيادي صحت ۽ ڦڦڙن جي بيمارين جي وسيع تر خدمتن سان جوڙڻ ضروري آهي، خاص طور تي جڏهن شگر، غذائي کوٽ ۽ آلودگي جهڙا خطرا گڏ موجود هجن.

صحت جي عالمي اداري سڀني حڪومتن کي سڏ ڏنو آهي تہ: ”وعدو ڪريو. سيڙپ ڪريو. فراهم ڪريو.“ تنهن ڪري اسان کي بہ اهو سڏ ٻڌڻو پوندو ۽ ٽي بي جي خاتمي کي صحت جي قومي ترجيحن ۾ شامل ڪرڻو پوندو.

صحت جو عالمي ادارو، پاڪستان جي انگن مطابق، هتي هر سال لڳ ڀڳ 5 لک 10 هزار نوان ٽي بي ڪيس سامهون اچن ٿا، ۽ لڳ ڀڳ 15 هزار ماڻهو دوا_مزاحمتي ٽي بي ۾ مبتلا ٿين ٿا. پاڪستان عالمي سطح تي پنجين نمبر تي آهي، جتي ٽي بي جو بار تمام گهڻو آهي ان سان گڏ ملڪ ۾ MDR_TB جي شرح دنيا ۾ چوٿين نمبر تي آهي. دوا_مزاحمتي ٽي بي جا اهم سبب آهن: دير سان تشخيص، بغير نگرانيءَ جي يا غلط علاج، ناقص دوا، علاج جو صحيح طريقي سان پورو نہ ٿيڻ، ۽ خطري وارن ماڻهن لاءِ سماجي سهائتا جي کوٽ.

گهڻن ملڪن ۾ مردن ۾ ٽي بي وڌيڪ ڏسبي اهي، پر پاڪستان ۾ خاص ڪري ٻار ڄڻڻ جي عمر واريون عورتون ٽي بي کان وڌيڪ متاثر ٿين ٿيون. ان جا سبب آهن بار بار حمل، غذائي کوٽ، ۽ صحت جي سهولتن تائين محدود رسائي. ٽي بي غريب طبقي کي تمام گهڻو متاثر ڪري ٿي ۽ انهن کي مالي بحران ۾ وجهي ٿي، جنهن سان سماجي نابرابري وڌيڪ وڌي وڃي ٿي. اڃا تائين پاڪستان ۾ قومي سطح تي ٽي بي جي مالي اثر بابت مڪمل سروي ناهي ٿي، پر موجوده ثبوت ٻڌائين ٿا تہ گهڻا ٽي بي_متاثر ٿيل خاندان پنهنجي آمدنيءَ جو 10 سيڪڙو کان وڌيڪ علاج تي خرچ ڪن ٿا، روزگار وڃائن ٿا، ۽ علاج دوران خوراڪ جون ضرورتون پوريون نہ ڪري سگهن ٿا.

**ٽي بي جون علامتون:**

**ٽي بي جي عام نشانين ۾ شامل آهن:**

ٽي هفتن کان وڌيڪ جاري رهندڙ کنگهہ (گهڻو ڪري بلغم سان گڏ، ڪڏهن رت سان)،

وزن گهٽجڻ

رات جو پگهر اچڻ

بخار

بک جو گهٽجڻ

ڳچيءَ ۾ سوج

ٿڪاوٽ ۽ ڪمزوري

ڊاڪٽرن موجب جيڪڏهن صحيح طريقي سان اينٽي بايوٽڪ سان علاج ڪيو وڃي تہ ٽي بي مڪمل طور تي ٺيڪ ٿي سگهي ٿي. اڃا تائين ڪيترن ملڪن ۾ ٽي بي جي تشخيص لاءِ پراڻو طريقو۔ sputum smear microscopy استعمال ڪيو وڃي ٿو. پاڪستان ۾ بہ اهو طريقو موجود آهي، پر ان سان اڌ ڪيس معلوم ٿي سگهن ٿا، ۽ دوا_مزاحمت جو پتو نٿو پوي. هاڻي صحت جي عالمي اداري پاران تجويز ڪيل جديد ٽيسٽ سان ٻن ڪلاڪن اندر نتيجا اچي سگهن ٿا.

**سماجي ۽ معاشي لاڳاپا**

پاڪستان ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام (BISP) جي نشو و نما اسڪيم ٻارن ۽ حمل يا ٻار ڄڻڻ جي عمر وارين عورتن لاءِ غذائي سهائتا ۽ صحت جي لاڳن کي وڌائڻ لاءِ آهي، پر ٽي بي جا گهڻا متاثر ماڻهو اڃا تائين ان يا ٻين سماجي تحفظ جي پروگرامز، جهڙوڪ صحت سهولت پروگرام (SSP) کان محروم آهن. ٽي بي هڪ سماجي مرض آهي، جنهن کي غربت، کاڌ خوراڪ جي کوٽ، شگر، سگريٽ نوشي، منشيات، عمر رسيده ماڻهو، جيلن جهڙن گڏيل رهائشي ادارن ۽ ايچ آءِ وي جهڙيون بيماريون وڌيڪ وڌائين ٿيون. وڏي تعداد ۾ ماڻهو ٽي بي جي جراثيم کان متاثر آهن، پر غربت ۽ بيماريءَ جي شدت بابت ڄاڻ نہ هئڻ سبب تشخيص کان محروم رهن ٿا.

**علاج ۽ بچاءُ**

ٽي بي جو علاج موجود آهي ۽ عام طور تي 6 مهينن تائين اينٽي بايوٽڪ جو مڪمل ڪورس ڪرڻو پوي ٿو، پر علاج کان اڳ بچاءُ وڌيڪ اهم آهي.

ٽي بي کي بي سي جي ويڪسين (BCG) سان روڪي سگهجي ٿو.

وڏي پيماني تي آگاهي مهمون ضروري آهن.

ڪنهن ۾ ٽي بي جون علامتون هجن تہ ان کي ويجهي صحت مرڪز تي وڃي مفت بلغم جو ٽيسٽ ڪرائڻ گهرجي.

ٽي بي جي مريضن کي سماج ۾ بدنام نہ ڪيو وڃي، پر ڪين گهر ۽ برادريءَ کان مڪمل سهائتا ملي.

جيڪڏهن مريض علاج جو مڪمل ڪورس پورو ڪن، صحتمند خوراڪ اختيار ڪن، ۽ ڊاڪٽرن جي صلاحيت مطابق علاج جاري رکن، تہ گهڻن ۾ مڪمل شفا ممڪن آهي.

**نتيجو**

ٽي بي هڪ غربت ۽ نظراندازيءَ جي بيماري آهي، جنهن تي ضابطو صرف علاج سان ممڪن ناهي، پر ان جا سماجي سبب: غربت، غذائي کوٽ، سماجي نابرابري، ۽ صحت تائين محدود رسائي ۔ ختم ڪرڻ بہ ضروري آهي. پاڪستان ۾ ٽي بي جو بار گهٽائڻ لاءِ اڪثر آگاهي، خاص ڪري نوجوانن ۾، ميڊيا ذريعي وڌائڻ جي سخت ضرورت آهي. ■

# احمد سليم ۽ ناياب ڪتاب جڻ هڪ ئي شيءِ هئا

**احمد سليم پاڻ کان ننڍن ۽ نوجوان ليکڪن جي هر ممڪن رهنمائي ڪندو هو. 1980ع واري ڏهاڪي ۽ ان کان اڳ پارٽ ۾ پنجابيءَ جي ٻين اخبارن ۽ رسالن کان سواءِ ٽي وڏا پنجابي رسالا "ناگ مڻي"، "پريت لڙي" ۽ "آرسي" ڇپبا هئا، جن ۾ پنجابيءَ جي برک شاعرن ۽ اديبن جون تخليقون شامل هونديون هيون. احمد سليم مون کي انهن ٽنهي پرچن سان متعارف ڪرايو، جنهن کان پوءِ مان امرتا پريتم سان پڻ متعارف ٿيس ۽ سندس مشهور رسالي 'ناگ مڻي' کان سواءِ 'پريت لڙي' ۽ 'آرسي' ۾ پڻ ڇپجڻ لڳس. انهن ٽنهي رسالن ۾ احمد سليم اڳ ئي باقاعدگي سان ڇپجي رهيو هو.**




تحرير: توقير چغتائي

ترجمو: محمد اقبال جاکرو

هن وٽ تمام وڏي ڳنڍڙي هئي، جنهن کي پارٽي پوليس جو سپاهي ۽ سادا ڪپڙا پاتل عملدار شڪي انداز ۾ گھوري رهيا هئا. آءٌ هن سان گڏ رڪشا ۾ سوار هوس ۽ مون وٽ ڪجهه ڪتابن کان سواءِ هڪ سوٽ ڪيس پڻ موجود هو، پر هن جي ڳنڍڙي منهنجي سامان کان ڪيتري ئي وڏي ۽ مشڪوڪ هئي.

سرحد تي پهچڻ کان پوءِ اسان ٻن مسافرن کي پيادل ئي واهگا بارڊر کان هِن پاسي اچڻو هو. اسان گڏريل ڪجهه ڏينهن کان ڪولڪته ۾ منعقد ٿيل هڪ ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪان پوءِ امرتسر جي تاريخي جڳهن ڏسڻ کان سواءِ اتي جي برک پنجابي اهل قلم



سنڌ جي نالي واري شاعر اياز گل ۽ احمد سليم جي هڪ يادگار تصوير



احمد سليم نالي واري اداڪاره ثمينہ پيرزاده ۽ سنڌي اديبن سان گڏ



جامي چانڊيو ۽ احمد سليم

سان پڻ ملي رهيا هئاسين ۽ ان ڳالهه تي پڻ خوش هئاسين ته، امرتسر جهڙي تاريخي شهر ۾ ويزا جي پابنديءَ جي باوجود اسان آسانيءَ سان هتي موجود آهيون.

هُن پاسي کان هِن پاسي اچڻ جو پهريون مرحلو انتهائي مشڪل هو، جو اسان جنهن ڳنڍڙيءَ کي کنيو هو، اها سرڪاري عملدارن لاءِ هڪ معمو بڻيل هئي. جڏهن اها پوريءَ جهڙي ڳنڍڙي کُلي ته ڪسٽم جو عملدار ۽ ساڻس گڏ بيٺل پوليس وارو اهو ڏسي حيران رهجي ويا ته ان ۾ نه ته ساڙهيون هيون، نه ڪپڙو، نه ئي پان ۽ سوپاري هئي، پر اها انهن جي ملڪ ۾ ئي ڇپيل تاريخ، شاعري ۽ افسانن جي ڪتابن سان ڀريل هئي، ته انهن سڪون جو ساهه کنيو.


اهو احمد سليم هو، جنهن سان منهنجي ٻن ڏهاڪن کان واقفيت هئي ۽ اسان ٻئي هڪ ادبي ڪانفرنس ۾ شرڪت کان پوءِ وطن موٽي رهيا هئاسين. احمد سليم ڪتابن جي ڳنڍڙيءَ جي تلاشي کان پوءِ جڏهن ڪسٽم عملدارن کان چيو ته، "چا هاڻي اسان وڃي سگهون ٿا؟" ته انهن انتهائي شرمندگيءَ ۽ معذرت واري انداز ۾ چيو ته، "اسان جو روزانو اهڙن ڪيترن ئي ماڻهن سان واسطو پوندو آهي، جيڪي پان سوپاري ۽ ٻين ڪيترين ئي شين کي ٻنهي ملڪن جي آر پار ڪٽي وڃڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، جيڪي اسمگلنگ ۾ شمار ٿينديون آهن، پر اهڙا گهٽ ئي ماڻهو نظر مان لنگهندا آهن، جيڪي ڪتابن سان دلچسپي رکندا هجن."

احمد سليم ۽ ناياب ڪتاب جڻ هڪ ئي شيءِ هئا، جنهن جو اندازو سندس گهر وڃڻ کان پوءِ، ڪنهن ادبي ڪانفرنس، ڪتابن جي ميلي يا سفر دوران ملاقات مان چڱيءَ طرح ٿيندو هو. هڪ دفعي مون کي اسلام آباد ۾ سندس گهر وڃڻ جو موقعو مليو. مان انهن ڏينهن ۾ اسلام آباد ۾ ئي رهيل هئس ۽ شديد بيروزگاريءَ جي زندگي گذاري رهيو هئس. ملاقات دوران هِنن پڇيو ته، "چا ڪري رهيا آهيو؟" ته مون کين ٻڌايو ته، "بيروزگار آهيان ۽ هن مهانگي شهر ۾ مالي مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيو آهيان. اوهان وٽ هڪ دوست جي چوڻ تي آيو آهيان ته شايد ڪٿي ڪنهن نوڪريءَ جو بندوبست ٿي وڃي."

پهرين ته ان ڳالهه تي ميار ڏنائين ته، "توکي ڪنهن دوست جي چوڻ تي نه، پر پاڻ ئي مون وٽ اچڻ گهرجي ها." پوءِ چوڻ لڳو، "جتي آءٌ ڪم ڪندو آهيان، اتي ته ڪا جاءِ نه آهي، پر آءٌ ڪوشش ڪندس."

پوءِ هو اٿيو ۽ ڪجهه هزار رپيا منهنجي کيسي ۾ وجهڻ کان پوءِ مون کي ٻه آڊيو ڪيسٽ ڏيئي چوڻ لڳو ته، "هيءُ هڪ دوست جو انٽرويو آهي، جنهن کي جيترو جلدي ممڪن هجي ٽرانسڪرائب ڪري مون وٽ ڪٽي اچ. وڌيڪ پئسن ۽ ڪم جي ڳالهه پوءِ ٿيندي."

چانهه پيئڻ کان پوءِ جڏهن آءٌ موٽڻ لڳس ته، مون کيس چيو ته، اڄڪلهه 'جين مت' تي ڪجهه ڪم ڪري رهيو آهيان، پر ڪتاب نه ملي رهيا آهن. هو صوفي تان اٿيو ۽ ساڄي ڪاٻي لڳل ڪتابن سان ڀريل الماربن وٽ گهمندي هڪ شيلف وٽ اچي بيٺو ۽ ان مان ڪجهه ڳولڻ لڳو. جڏهن موٽي آيو ته، سندن هٿ ۾ خدا بخش لائبريري پٽنه جو ڇپيل لڳ ڀڳ هڪ سؤ سال پراڻو سفرنامو 'جين ڌرم کي مقدس مقامات' هئو. مون کي ڪتاب ڏيندي چوڻ لڳو ته، "هن کي رکجانءِ، آءٌ ڪوشش ڪندس ته ڪجهه انگريزي ڪتاب پڻ ملي وڃن ته تنهنجو ڪم آسان ٿي ويندو." مون کيس چيو ته، "هي ڪتاب ڪيستائين موٽايان؟" ته چوڻ لڳو، "ان جي ضرورت نه آهي. آءٌ پڙهي چڪو آهيان."



احمد سليم جو جڏهن ممبئي وڃڻ ٿيو ته هن اتي اهم اديبن سان گڏ جن فلمي شخصيتن جا انٽرويو ڪيا، انهن ۾ سميتا پاٽل ۽ متبادل سينما ۾ ڪم ڪندڙ ٻيا ڪيترائي اهم نالا پڻ شامل هئا. جڏهن هو پاڪستان موٽي آيو ته، هن مختلف رسالن ۾ اهي انٽرويو ڇپرايا ۽ پوءِ انهن کي ڪتابي شڪل پڻ ڏني.

احمد سليم پاڻ کان ننڍن ۽ نوجوان ليکڪن جي هر ممڪن رهنمائي ڪندو هو. 1980ع واري ڏهاڪي ۽ ان کان اڳ پارٽ ۾ پنجابيءَ جي ٻين اخبارن ۽ رسالن کان سواءِ ٽي وڏا پنجابي رسالا "ناگ مڻي"، "پريت لڙي" ۽ "آرسي" ڇپبا هئا، جن ۾ پنجابيءَ جي برک شاعرن ۽ اديبن جون تخليقون شامل هونديون هيون. احمد سليم مون کي انهن ٽنهي پرچن سان متعارف ڪرايو، جنهن کان پوءِ مان امرتا پريتم سان پڻ متعارف ٿيس ۽ سندس مشهور رسالي 'ناگ مڻي' کان سواءِ 'پريت لڙي' ۽ 'آرسي' ۾ پڻ ڇپجڻ لڳس. انهن ٽنهي رسالن ۾ احمد سليم اڳ ئي باقاعدگي سان ڇپجي رهيو هو.

احمد سليم جي زندگيءَ ۾ ڪيترائي لاها چاڙها آيا. هو هڪ غريب گهراڻي جو فرزند هو ۽ پنهنجي تعليم کان وٺي روزگار حاصل ڪرڻ ۽ سياسي سوچ سان وابستگيءَ جي ڪري ڪڏهن به سڪي ۽ پرامن زندگي گذاري نه سگهيو. کيس قيدوبند جون سهولتون پڻ برداشت ڪرڻيون پيون ۽ مٿس اهڙو وقت پڻ آيو، جڏهن هو سنڌ کان سرحد ۽ پنجاب کان بلوچستان تائين سفر ڪرڻ جي باوجود بهتر روزگار حاصل نه ڪري سگهيو.

پنهنجي لاڏاڻي کان لڳ ڀڳ هڪ ڏهاڪو اڳ هو اسلام آباد جي هڪ سماجي اداري سان وابستگيءَ جي ڪري ڪجهه عرصي تائين سڪون ڀري زندگي گذارڻ ۾ ضرور ڪامياب ٿيو، پر ان دوران پڻ سندن گهر ۾ ڏاڙو لڳو ۽ سندس سڀ ڪجهه لٽجي ويو، جنهن ڪري هو تمام گهڻو دلگير ٿيو. پوءِ جگر جي بيماريءَ ۾ مبتلا ٿيو ته سندس مصروفيتن ۾ جوڳي گهٽتائي آئي، پر ڪتابن سان سندس ناتو تڏهن به نه ڇنو.

احمد سليم مختلف موضوعن تي لکندو رهيو ۽ ڪيترن ئي موضوعن تي سندس اڻڇپيل مسودا پڻ موجود هئا. سندس ذاتي لائبريري ۾ اهڙا ڪيترا ئي ڪتاب موجود هئا، جيڪي وڏين وڏين لائبريرين ۾ پڻ ڳوليندي نه لڀن ها، پر اهي ڪتاب هر ان شخص جي پهچ کان ٻاهر نه هئا، جيڪو انهن کي پڙهڻ چاهيندو هجي يا انهن جي آڌار تي ڪو تحقيقي ڪم ڪرڻ جو خواهشمند هجي. سندس گهر ۾ جيڪو به ويندو هو، موٽڻ تي ان جي هٿ ۾ احمد سليم جي ڪا تصنيف يا ڪنهن دوست جو ڪو نه ڪو نئون ڪتاب ضرور موجود هوندو هو.

مسلسل جدوجهد ۽ مشڪلاتن سان ڀريل زندگي گذارڻ جي باوجود احمد سليم هڪ ساده دل ۽ بي ضرر انسان هو. پنجابيءَ جو هڪ ناليواري اديب، جنهن جو طبقو ۽ مرتبو احمد سليم کان مختلف هو، کانئس ڪجهه اختلاف رکندو هو، جنهن ڪري ڪيترين ئي اهم پنجابي ڪانفرنسن ۽ ٻين پروگرامن ۾ کيس نه سڏيو ويندو هو. ■

# پروفيسر امير علي قادري، وصال بعد به زرعي يونيورسٽيءَ ۾ اثر رکي ٿو



سنڌ زرعي يونيورسٽيءَ ۾ ڊاڪٽر رجب علي ميمڻ، پروفيسر سريش ڪمار واڌواڻي، الهه بخش چِٽو، حاجي خان ابڙو، محمد حسن، سليم ڪامدار، معين خان، عبدالوهاب ڪوسو، پروفيسر امام بخش ڪونڌر، شمس الدين ٽگڙ، ڊاڪٽر غلام حيدر ڄامڙو، اميد علي ٻرڙو ۽ ڊاڪٽر روشن وگڻ سميت ڪيترن استادن ۽ ان وقت جي دلير شاگردن سان امير علي قادري صاحب جي ويجهڙائي رهي ۽ ڪيترائي سنڌس جونيئر ساٿي، جن ۾ ڊاڪٽر فتح مري، اعجاز ڪوهارو، مجاهد لغاري ۽ رياست علي ڪِبر شامل هئا، سنڌس سٿ ۾ شامل ٿي ويا. قادري صاحب هڪ سجاڳ ذهن دانشور هو. ادب ۽ فلاسافي سنڌس محبوب مضمون هئا. سنڌس لاڏاڻي بعد سنڌالاجي ۾ سنڌس ڪارنر پڻ قائم ڪيو ويو.



گل شير لوچي

سنڌ جي غريب ماروئڙن جي اداري طور سڃاتي ويندڙ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام، جنهن کي يونيورسٽي جا نوجوان "گل ورسٽي" ۽ "جنت السنڌ" چوندا آهن، ان پنهنجي وجود ۾ ڪيترن سنڌپرست ۽ جاکوڙي ماڻهن کي سانڍيو آهي ۽ پروفيسر امير علي قادري انهن ماڻهن جي فهرست ۾ مٿئين سطح تي رهيو ۽ هي اهو ماڻهو هو، جنهن جي اداري مان رٽائر ٿيڻ ۽ بعد ۾ لاڏاڻي جي باوجود سنڌس نالي جو سحر اڄ به ماڻهن جي دلين تي طاري آهي.

امير علي قادريءَ جي پيدائش لاڙڪاڻي ۾ ٿي پر سنڌس تعليم ذري گهٽ اڌ اتر سنڌ جي مختلف شهرن مان ٿي. لاڙڪاڻي جي ڊگري ڪاليج مان فرسٽ ايئر، جتي "اسٽوڊنٽ يونين" جي اليڪشن ۾ جوائنٽ سيڪريٽري چونڊيو، ان ئي دور ۾ سنڌس نيازمندي خيرپور ميرس جي مشهور وڪيل ڪامريڊ علي مظاهر جعفري صاحب سان ٿي، جيڪا سالن تائين قائم رهي. انٽر مسلم ڪاليج حيدرآباد مان ڪيائين، جتي سنڌس آئيڊيل پروفيسر محمد عمر ميمڻ صاحب بڻيو. يونيورسٽي جي تعليم دوران پروفيسر امينه خميساڻي ۽ غوري صاحب کي اهم ليکيندو هو، جڏهن ته پروفيسر ارجن لال کي صوفي سنت سمجهندو هو، جنهن سبب ارجن لال صاحب سان تمام گهاٽي ويجهڙائي هئس. قادري صاحب علامه آءِ آءِ قاضي صاحب جو ڪوبه ليڪچر ڪونه گسايو.

امير علي قادري عملي زندگيءَ جي شروعات ڪوٽڙي شهر مان استاد جي حيثيت سان ڪئي. جيتوڻيڪ هو ايم اي انگلش هو، پر بعد ۾ هن سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام جي سوشل سائنسز فيڪلٽي ۾ بطور استاد شموليت اختيار ڪئي. پروفيسر امير علي قادري انهن جاکوڙي ماڻهن جي جوڙ ۾ رهيو، جن زرعي يونيورسٽي ۽ اتان جي استادن، شاگردن ۽ ملازمن جي معاملن تي هميشه پنهنجو اهم ڪردار ادا ڪيو.

زرعي يونيورسٽي يا ان کان ڪان اڳ ڪاليج وارن ڏهاڙن ۾ محمد امين پٽي، ڊاڪر اي ايم شيخ، پروفيسر نور محمد سيال، پروفيسر محمد يوسف پنهور، پروفيسر عبدالرحيم پنهور، ڊاڪٽر بدر سومرو، پروفيسر عبدالحئي سومرو، پروفيسر ڏاٽي بخش چانڊيو، ڊاڪٽر رجب علي ميمڻ ۽ ڊاڪٽر عبدالقادر مغل کان وٺي پروفيسر امير علي قادري تائين اهڙا نالا هئا، جن يونيورسٽي جي تدريسي ۽ تحقيقي سرگرمين سان گڏ مک آڊيٽوريم هال ۾ تحريڪي ۽ تدريسي پروگرامن ۾ پنهنجي آواز کي قوم جي آواز ۾ تبديل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.



قادريءَ صاحب نه صرف يونيورسٽيءَ اندر پر ان کان ٻاهر پڻ استاد سياست ۾ سرگرم رهيو. ملڪ جي يونيورسٽين جي استادن جي تنظيم فاپواسا جو سنڌ چيپٽر جو صدر، سپلا، گسٽا، پ. ٽ. الف ۽ يونيورسٽين جي استادن جي گڏيل اتحاد ۾ پروفيسر آصف قاضي، لياقت عزيز، مقبول سيال ۽ سائين قادر بخش طالباڻي سان گڏ ٻين متحرڪ ڪردارن سان گڏجي جدوجهد ۾ حصو ورتو.

جڏهن سنڌ ۾ لساني فساد ٿيا ته سائين قومي فرض ۾ بي گهر ٿيل ماڻهن جي آبادڪاري ۾ اڳرو رهيو ۽ گڏوگڏ سنڌ ۾ مستقل رهندڙ آبادين وچ ۾ هم آهنگي پيدا ڪرڻ لاءِ ڪراچي ۽ حيدرآباد جي دوستن سان گڏجي هڪ اعلان نامو شايع ڪيو. هن حيدرآباد جي فسادن ۾ لبرٽي مارڪيٽ کان پريس ڪلب تائين امن مارچ پڻ ڪرايو هو.

اڳوڻي وزير اعظم شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي دور ۾ جڏهن زرعي ڪاليج کي زرعي يونيورسٽيءَ جو درجو مليو، تڏهن انهن مان اڪثر استادن پنهنجي تدريسي سرگرمين ۾ تيزي آڻي يونيورسٽي کي هڪ حيثيت ڏياري. انهن ڏينهن ۾ جڏهن مک آڊيٽوريم ۾ "ور ڙي ميهر يار ناهي بات بجڻ جي هيلا ڪيم هزار" جا راڳ آلاپيا ويندا هئا، ۽ جڏهن پروفيسر ڏاٽي بخش چانڊئي، بدر سومري جي ثقافتي ڏڻن تي سنگيت جا سر وکيريا ويندا هئا، ته ان وقت به زرعي يونيورسٽيءَ جو هي استاد پنهنجي قلم جي ذريعي سنڌ جو ڪيس وڙهي رهيو هوندو هئو.

سنڌ زرعي يونيورسٽيءَ ۾ ڊاڪٽر رجب علي ميمڻ، پروفيسر سريش ڪمار واڌواڻي، الهه بخش چِٽو، حاجي خان ابڙو، محمد حسن ڏئونرو، سليم ڪامدار، معين خان، عبدالوهاب ڪوسو، پروفيسر امام بخش ڪونڌر، شمس الدين ٽگڙ، ڊاڪٽر غلام حيدر ڄامڙو، اميد علي ٻرڙو ۽ ڊاڪٽر روشن وگڻ سميت ڪيترن استادن ۽ ان وقت جي دلير شاگردن سان سنڌس ويجهڙائي رهي ۽ ڪيترائي سنڌس جونيئر ساٿي، جن ۾ ڊاڪٽر فتح مري، اعجاز ڪوهارو، مجاهد لغاري ۽ رياست علي ڪِبر شامل هئا، سي سنڌس سٿ ۾ شامل ٿي ويا. قادري صاحب هڪ سجاڳ ذهن دانشور هو. ادب ۽ فلاسافي سنڌس محبوب مضمون هئا. سنڌس لاڏاڻي بعد سنڌالاجي ۾ سنڌس ڪارنر پڻ قائم ڪيو ويو.

سنڌي ٻارن کي انگريزي ٻولي ۽ ادب جي سکيا لاءِ سراج الحق ميمڻ، سائين ابراهيم جويو ۽ ڪجهه ٻين دوستن سان گڏجي گاڏي کاتي ۾ سنڌ ايجوڪيشن ٽرسٽ جي شروعات ڪيائين، جتي ڪيترائي يادگار پروگرام ٿيا. سائين قادري صاحب فلاسافيڪل سائنس کي عام ڪرڻ لاءِ سائين ابراهيم جويو صاحب، سائين حيدر علي لغاري صاحب ۽ ٻين دوستن سان گڏ سنڌ فلاسافيڪل سوسائٽي جو بنياد وڌو ۽ علامه قاضي صاحب جي تقريرن تي مشتمل ڪتاب "او ڪو ٻيو فهم" ڇپرايو.

پروفيسر امير علي قادري صاحب جو روح جو رشتو اول ۽ آخر زرعي يونيورسٽيءَ سان هو. استادن جا مسئلا هجن يا ننڍن ملازمن جا اهنج، بس سائين قادري صاحب بيچين. زرعي يونيورسٽيءَ ۾ بدعنواني ڇڻ سنڌس ذاتي نقصان هئو. ان تي ڪمپرومائيز ڪڏهن به نه ڪندو هو ۽ ان ۾ جهيڙن ۾ آخري حد تائين ويندو هو. پوءِ اهو فورم سائوٿا هجي، سينڊيڪيٽ يا گورنر هائوس، پريس ڪانفرنس، مظاهرا، بک هڙتال يا احتجاج جا سڀ جمهوري طريقا، سول ڪورٽ يا هاءِ ڪورٽ. قادري صاحب پنهنجي اباڻي ٻنيءَ جي به آمدني ان جنگ ۾ خرچ ڪري ڇڏيندو هو.

پروفيسر امير علي قادري سول سوسائٽي جي مضبوط ترين فردن مان هو، جنهن کي محترم ابراهيم جويو ۽ محترم رسول بخش پليجو کان وٺي ڪيترن ناليوارن دانشورن جي صحبت ۾ سنڌ جي تدريس، تحقيق، ادب ۽ قومي جاڳرتا جو فڪر رهيو. پروفيسر امير علي قادري پنهنجي درس ۽ تدريس وارن ڏينهن ۾ به استاد ڪاز خاطر ڪيترين قربانين کان نه ڪيٻايو ۽ ان جدوجهد ۾ ڪيس نوڪريءَ مان نڪرڻ کان وٺي ڪيترين تڪليفن جا منهن ڏسڻا پيا. جڏهن اسين زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام جي ملازم تنظيم جو حصو هياسين ته، ان دوران به مزدور جدوجهد ۾ هو هڪ استاد هوندي اخلاقي ۽ قلمي سهائتا ڪندو رهيو ۽ مختلف فورمن تي ۽ خاص طور تي سينڊيڪيٽ ۽ ٻين ڪاميٽين جي ملازمن جي حقن جو تحفظ ڪندو رهيو.

پروفيسر امير علي قادريءَ ضياءَ جي آمريتي دور ۾ به مزاحمتي انداز ۾ پنهنجي قلم ذريعي قومي جاڳرتا کان وٺي استادن جي معاملن خاطر جدوجهد ڪئي ۽ ان ڏينهن ۾ مختلف تڪليفون برداشت ڪيون. زرعي يونيورسٽي جي استادن جي مسئلن جي حل لاءِ هن "قادري گروپ پينل" جو بنياد وڌو. پروفيسر امير علي قادري هڪ مدبر، ڄاڻو، سنڌ دوست، تعليم دوست ۽ جاکوڙ شخص هئو. سنڌس جدوجهد جو اهو اثر آهي، جو 30 آڪٽوبر 2010 تي سنڌس لاڏاڻي کان 15 سال پوءِ به، اڄ به استاد سياست ۾ سنڌس نالي جو اهم ڪردار آهي. اڄ به سنڌس جونيئر يا سنڌس لاڏاڻي کان پوءِ مقرر ٿيل استاد سنڌس نالي سان منسوب "قادري گروپ" جي پليٽ فارم تان استاد سياست ڪندا رهن ٿا، ۽ امير علي قادري اڄ به سنڌ زرعي يونيورسٽي جي مختلف فورمز سميت پنهنجي همعصرن، استادن ۽ شاگردن جي دلين ۾ ڌڙڪندو رهي ٿو. ■

## پهرين نومبر 1977ع تي جنم ورتل سنڌ جي نالي واري ليکڪ، فلسفي ۽ شاعر نويد سنڌيلي جي 48هين سالگره هئي.

# نويد سنڌيلو: شاعر ۽ فلاسافر


**پهرين نومبر تي جڏهن فون ڪري سالگره جي مبارڪ ڏني مانس ته ڪِلي چيائين، ”مون کي ياد ناهي ته منهنجي سالگره آهي.“ پڇيومانس ته، ”اج ڇا ٿو پڙهين؟“ چيائين گلزار کي پيو پڙهان. مون پنهنجي پئسن مان تمام گهڻ ڪتاب خريد ڪيا آهن. جڏهن به ڪتاب ڪپندا آهن ته نويد کي چوندي آهيان ته وٺيون ايندو آهي. هو فلسفي، ادب ۽ شاعريءَ سان گڏ هر صنف کي تمام گهرائيءَ سان پڙهندو آهي.**




### فوزيہ سنڌيلو

چارلس ڊڪنس جي باري ۾ چيو ويجي ٿو ته، هڪ ڏينهن سندس ماءُ کيس ڳوليندي وجي ڏٺو ته هو ميز هيٺان اڪيلو لڪيو ويٺو آهي. پڇا ڪيائينس ته، ”ڇا ٿو ڪرين ويٺو؟“ ته چيائين ”I am telling myself a story“(مان پاڻ کي ڪهاڻي ٻڌائي رهيو آهيان.)

ايئن ڪيترائي دفعا مون نويد کي ڪڏهن گهر جي ڇَاري ۾ رکيل ڪتابن پرسان، ڪڏهن ڪنهن ڪنڊ ۾ رکيل کٽ تي بلب جي مرجهايل روشنيءَ ۾، ته ڪڏهن اڱڻ تي پيل ڪرسيءَ تي ويٺي پاڻ کي ڪهاڻيون ٻڌائيندي ڏٺو آهي. هو اڪثر اڪيلو ويٺو ڪلاڪن جا ڪلاڪ پڙهندو هو. پڙهڻ سان ته کيس عشق هوندو هئو، پر ڪتابن جي ڦاٽل پنن کي به هو سانڍي رکندو هو. ٽُٽل ڪتابن کي ٻيهر جي ڪئونر سان ڳنڍيندو هو. هو ڪتابن کي ترتيب ۽ پيار سان ساهه ۾ سنڀالي رکندو آهي.





هن جا پڙهيل ڪتاب جڏهن کولي پڙهندي آهيان ته، لڳندو آهي جڻ اڻ ڇهيل ۽ اڻ پڙهيل هجن. حيراني ٿيندي آهي. مون کي ڪتاب ڏيڻ وقت چوندو آهي، ”اندر لائين نه ڪندي ڪر. ڪتاب ڦاڙي ٿي ڇڏين. صفا ڪتاب وڃائي ٿي ڇڏين.“ هر ڪنهن جو پڙهڻ جو پنهنجو پنهنجو انداز آهي. هن جي پڙهڻ جو انداز به نرالو آهي. جڏهن ته مان جيستائين پينسل يا پين سان اهم نقطا نوٽ نه ڪيان، تيستائين ڳالهه نه وڻندي ۽ نويد ڪتابن سان اهڙي ورتاءَ جو سخت مخالف هوندو آهي. ڪڏهن ڪاوڙجي پوندو آهي. مون پنهنجي پئسن مان تمام گهڻ ڪتاب خريد ڪيا آهن. جڏهن به ڪتاب ڪپندا آهن ته نويد کي چوندي آهيان ته وٺيون ايندو آهي.

مون پنهنجي پائرن سان گهڻو وقت گڏ گذاريو آهي. ڪراچيءَ ۾ جڏهن منهنجي وڏي ڀاءُ ڊاڪٽر شاهد گهر ورتو ته، اتي ڪجهه سال رهياسين. امان ڳوٺ هوندي هئي ته، مان، بابا ۽ ڀائرن سان گڏ ڪراچيءَ وارو گهر. تڏهن نويد کي آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس ۾ نوڪري هئي، جتي هو صبح جو سوير ويندو هو. بابا صبح جو سوير اٿاريندو هئو. ناشتو تيار ڪندي هئس. بابا ڳوٺ هليو ويو ته، نويد بنا ناشتي جي آفيس هليو ويندو هو. جيستائين مان جاڳان، ماني تيار ڪيان، تيستان نويد هليو ويندو هو. چوندي هئي مانس ته، ”ننڊ مان اٿاريندو ڪر.“ ته چوندو هو، ”پاڻ اٿندي ڪر.“ پوءِ ڪڏهن اٿاريندو هو، نه ته اڪثر بنا ناشتي جي هليو ويندو هو.


تصوير محترم امر سنڌوءَ جي فيس بڪ وال تان ورتل




نويد اصول پسند آهي. هو عالمي ادب تي ڳالهائيندو آهي ته، ڪيترن ئي نون نالن سان منهنجو تعلق جڙي پوندو آهي. هن جا من پسند اديب ته ڪافي آهن، پر گهڻو ذڪر هو ڪازان زاڪس جو ڪندو آهي ۽ ان جي ناول Zorba the Greekجو. ان کان علاوه هن جا پسنديده اديب: پشڪن، اسحاق بيبل، چيخوف، گورڪي، خليل جبران، دوستو وسڪي، ڪافڪا، البرٽ ڪاميو، آسڪر وائيلڊ ۽ شيخ اياز آهن. هو فلسفي، ادب ۽ شاعريءَ سان گڏ هر صنف کي تمام گهرائيءَ سان پڙهندو آهي.

هو بنيادي طور تي شاعر آهي ۽ هن مون کي ٻڌايو هيو ته، ”هو ڪجهه ڏينهن ۾ شاعريءَ جي هڪ نئين صنف متعارف ڪرائڻ وارو آهي.“ هن جا سنڌي، انگريزي ۽ اردو شاعريءَ جا ڪجهه ڪتاب اڻ ڇپيل پيا آهن. ڪجهه ترجمو ٿيل ڪتاب ڇپائيءَ جي انتظار ۾ آهن، جن ۾ اوشو جو ڪتاب The books I have lovedبہ شامل آهي.

هو اڄڪلهه دوستو وسڪي کي ٻيهر پڙهي رهيو آهي. مون کي حيرت ان ڳالهه جي ٿيندي آهي ته، هو هڪ ئي وقت ڪيترن ئي ڪتابن جو، گڏ مطالعو ڪندو رهندو آهي. لکڻ جو ڪم به گڏ هلندو اٿس، ته پنهنجي پي ايڇ ڊيءَ لاءِ تحقيقي ڪم به الڳ ڪندو رهندو آهي. هن کي پڙهيل ڪتاب ۽ انهن جا ڪردار ياد هوندا آهن.

پهرين نومبر تي جڏهن فون ڪري سالگره جي مبارڪ ڏني مانس ته ڪِلي چيائين، ”مون کي ياد ناهي ته منهنجي سالگره آهي.“ پڇيومانس ته، ”اج ڇا ٿو پڙهين؟“ چيائين گلزار کي پيو پڙهان. ■

## پنهنجي اندرَ ۾ ڏينهن ٿيا ته مَري ڪپي ويا آهيون!

### اطهر منگي




ڪڏهن ڪڏهن
محسوس ٿيندو آهي
اسان
اونداهيءَ جا هيراڪَ
چمڙا ٻڄي ويا آهيون!
روشنيءَ ۾
ڪجهه به ڏسي
نٿا سگهون!
اسان جي روشن خيالي بہ
پاڻ کي
خوش رکڻ لاءِ
پنهنجي ظرف کي
زنده رکڻ جي لاءِ
نالي ۾ نهال!
اُها ئي
مفاد پرستي ۽ خود غرضي
پاٽَپٽو ۽ اَڻَ سَهَپ
ڏاڍا ساڙَ سَڙيا
ٻڄي پيا آهيون!
جيڪا
ذهني طور
اسان جي پيِنگِئي هُجڻ جي
علامت آهي!
احساسن ۾
انڌيري جا قافلا
پيا ٿا هلن!
ڏسڻ ۾ ته
زنده پيا اچون!
جيڪا
اسان جي غلط فهمي
شمار ڪجي!
پنهنجي اندرَ ۾
ڏينهن ٿيا ته
مَري ڪَپي ويا آهيون!
زنده رهڻ وارن جي
زندگيءَ ۾
موتَ جهڙي ماٺ نہ پر
حيرت پري
هلچل هوندي آهي!
هُونءَ بہ
زندگيءَ جِي چَمڪَ
لڪندي ناهي
سڀ کي نظر ايندي آهي ـ
ڪڏهن ڪڏهن
محسوس ٿيندو آهي
اسان
اُونداهيءَ جا هيراڪَ
چَمِڙا ٻڄي ويا آهيون.... !!■



# هڪ مثالي تعليمي ماهر سائين رسول بخش مهيسر

**رسول بخش مهيسر صاحب ناز هاءِ اسڪول جو هيڊ ماستر چا ٿي آيو، سندس رعب ۽ دٻدٻي جو سحر ناز هاءِ اسڪول کان وٺي ڪرنل شاهه هاسٽل تائين ڦهلجي ويو. سانورو رَنگ، ڊگهو قدُ، مٿي تي مائو ڪيپ، هٿلري ڪَٽ شهپر، سياري ۾ ٿُري پيس ۽ اونهاري ۾ سفاري سوٽ ۾، ڪڏهن شلوار قميص ۾، هَٿَ ۾ دُکندڙ سگريٽ، چهري تي غضب جي سختي (پَرَ دل نهايت نرم)، هَٿَ ۾ اسٽڪ، اسڪول جي ڪُنڊن پاسن، استادن، شاگردن، پٽيوالن، مالهين، غرض هر شيءِ تي عقابي نگاهَ، اهو هو استاد رسول بخش مهيسر، جيڪو ٿورڙي ئي عرصي ۾، شهر ۽ پوءِ سموري ضلعي ۾ "مهيسر صاحب" جي نالي سان مشهور ٿي ويو.**



قربان منگي

خيرپور ۾ مير علي نواز "ناز" جي نالي پٺيان قائم ٿيل تاريخي ناز هاءِ اسڪول ۾ جڏهن 1971ع ۾، مان ڇهين ڪلاس ۾ پڙهي رهيو هُيس، تڏهن مرحوم رسول بخش مهيسر صاحب ان وقت (۽ پڻ هاڻ) جي هڪ وڏي تعليمي اداري جو هيڊ ماستر مقرر ٿي آيو. ان دؤر ۾ خيرپور ضلعي ۾ آڱرين تي ڳڻڻ جيترا هاءِ اسڪول موجود هئا ۽ ناز هاءِ اسڪول انهن مان عمارت توڙي تعليمي معيار جي حوالي سان سڀ کان مٿانهون هو. ناز هاءِ اسڪول جي وسيع ۽ عريض عمارت جي سامهون گذرندڙ اسٽيشن روڊ جي هُنَ طرف ناز هاءِ اسڪول جي ئي شاگردن لاءِ تاريخي ڪرنل شاهه هاسٽل جي عمارت ۽ وسيع گرائونڊ موجود هُيو. گرائونڊ ۽ هاسٽل جي قديم عمارت ته اڄ به موجود آهي، پر ان ۾ ترڪيه جو ڳري فيس وارو اسڪول هلي رهيو آهي، جنهن ۾ شهر جي ايليٽ ڪلاس جا ٻارَ تعليم پرائي رهيا آهن.

رسول بخش مهيسر صاحب ناز هاءِ اسڪول جو هيڊ ماستر چا ٿي آيو، سندس رعب ۽ دٻدٻي جو سحر ناز هاءِ اسڪول کان وٺي ڪرنل شاهه هاسٽل تائين ڦهلجي ويو. سانورو رَنگ، ڊگهو قدُ، مٿي تي مائو ڪيپ، هٿلري ڪَٽ شهپر، سياري ۾ ٿُري پيس ۽ اونهاري ۾ سفاري سوٽ ۾، ڪڏهن شلوار قميص ۾، هَٿَ ۾ دُکندڙ سگريٽ، چهري تي غضب جي سختي (پَرَ دل نهايت نرم)، هَٿَ ۾ اسٽڪ، اسڪول جي ڪُنڊن پاسن، استادن، شاگردن، پٽيوالن، مالهين، غرض هر شيءِ تي عقابي نگاهَ، اهو هو استاد رسول بخش مهيسر، جيڪو ٿورڙي ئي عرصي ۾، شهر ۽ پوءِ سموري ضلعي ۾ "مهيسر صاحب" جي نالي سان مشهور ٿي ويو.

خيرپور ضلعي ۾ مهيسر ذات جا ڪيترائي ڳوٺ آباد آهن. مهيسر خادم رفيقيءَ جهڙو ڪهنه مشق شاعِر هجي يا عبدالرحمان مهيسر جهڙو ناميارو سگهڙ، منور مهيسر جهڙو هر دلعزيز ڪامورو هجي يا امجد مهيسر جهڙو ڪاهوڙي قومپرست اڳواڻ - پر هيترن سالن پڄاڻان اَڄ به خيرپور ۾ ڪنهن به ڪچهريءَ ۾ جيڪڏهن "مهيسر صاحب" چيو ويندو ته، ڌيان هڪدم ڳوٺ ڪمال ديري سان تعلق رکندڙ منهنجي ۽ هزارين خيرپور واسين جي استاد سائين رسول بخش مهيسر ڏانهن ئي هليو ويندو. مهيسر صاحب هڪ انتهائي قابل استاد ۽ هڪ بهترين منتظم رهيو، جنهن ناز هاءِ اسڪول کي تعليمي معيارَ ۽ انتظامَ جي حوالي سان سنڌ جو هڪ آئيڊيل اسڪول بڻائي ڇڏيو هو.

مهيسر صاحب جي اسڪول سان دلچسپي ڏسڻ وٽان هوندي هئي. سندس رهائشي بنگلو اسڪول جي پرسان ئي (ڪرنل شاهه هاسٽل) لڳ هئڻ ڪري هُو جهڙوڪر چوويهه ئي ڪلاڪَ اسڪول سان جڙيل هوندو هو. صبح جو اسڪول جي عظيم الشان اسيمبلي ٿيندي هئي، جنهن ۾ هر شاگرد ۽ هر استاد جو پهچڻ لازمي هوندو هيو. اسيمبلي ٽائيم کان ڪلاڪُ اڳ ۾ مهيسر صاحب، نهي سنبري تيار ٿي، هٿ ۾ اسٽڪ کڻي، اسڪول جي سامهون واري اسٽيشن روڊ تي اچي بيهندو هو ۽ ٻنهي طرفن (ريلوي اسٽيشن ۽ خاڪي شاهه پل) کان پنڌ ۽ سائيڪلن تي ايندڙ شاگردن کي "تڪڙا ٿيو، تڪڙا ٿيو" ۽ "هري اپ هري اپ" جون صدائون ڏيندو هو ۽ ائين هو ٻنهي طرفن کان اڌ اڌ ڪلوميٽر جي فاصلي تائين پيو اچ وڃ ڪندو هيو. اسيمبليءَ ۾ سندس شاگردن جي يونيفارم، بُوٽ، وارَن ۽ هٿن جي ننهن تي ڪرڙي نگاهه هوندي هئي. ايستائين جو استادن جي لباس تي به سندس نظر هوندي هئي.

ڪلاس شروع ٿيڻ کانپوءِ آفيس جي ڪمن کان وقت به وقت واندو ٿي هو سمورن ڪلاس رومز جي سامهون ڪاريڊورس ۾ چَڪر هڻندو هيو. موڊ ٿيندو ٿيس ته ڪنهن ڪلاس روم ۾ گهڙي شاگردن جي پڙهائيءَ جي اوچتي چڪاس به ڪندو هو ته، چاڪُ کڻي بورڊ تي به بيهي رهندو هو. اسان مهيسر صاحب کي پنهنجي مخصوص انداز واري انگريزيءَ ۾ شاگردن کي وليم ورڊس ورٿ جو مشهور نظم "The Daffodils" پڙهائيندي ڏٺو، جنهن ۾ "He was wandering here and there" واري سِٽَ تي هُو شاناٿتي انداز ۾ هيڏانهن ۽ هوڏانهن پسار ڪندو جهڙوڪر وليم ورڊس ورٿ جي ڏِڪ ڏيندو هيو.

نصابَ سان گڏ مهيسر صاحب کي هم نصابي سرگرمين سان جُنون جي حد تائين چاهُ هُيو. هُنَ فزيڪل ٽريننگ (P.T)، اسڪائوٽنگ، فوجي پريڊ ۽ بينڊ وڄائڻ لاءِ چونڊ شاگردن جا جَٿا تيار ڪرايا هئا، جيڪي نه صرف اسڪول ۽ ضلعي ۽ سنڌ سطح تي پرفارم ڪندا هئا، پر مُلڪي سطح تي منعقد ٿيندڙ سرگرمين ۾ به حصو وٺي ايندا هئا ۽ انعام حاصل ڪندا هئا. ڪرڪيٽ، فٽ بال، والي بال، ونجهه وٽي، ڪوڏي ڪوڏي، ٽيبل ٽينس ۽ بيڊ منٽن جون الڳ الڳ ٽيمون جُڙيل هونديون هيون، جن جو به ڪوئي مَٽُ نه هوندو هو. ڪوڏي ڪوڏيءَ جي مقابلن ۾ مهيسر صاحب جو اُٿي اُٿي شاگرد رانديگرن کي دادُ ڏيڻ ۽ انعام طور خرچي ڏيڻ ڏسڻ وٽان هوندو هُيو.

اسڪول ۾ روزانو ڇهو پيرڊ پي ٽي جو هوندو هو، جنهن ۾ چونڊيل شاگرد پي ٽي ڪندا هئا. مان پڻ انهيءَ ٽيم جو حصو هوندو هيس. مهيسر صاحب پاڻ انهيءَ ٽريننگ جي نگراني ڪندو هُيو. ٽافين جون ٿيلهيون گهرائي ٽريننگ ڪندڙ شاگردن ۾ ورهائيندو هو. فري پيرڊس ۾ مهيسر صاحب شاگردن کي لان ۾ گهرائي انهن کان ڇِبَر پٽرائيندو هو. ايڪڙن ۾ ڦهليل اسڪول جي ميدانَ، ڇٻراٽن ۽ وڻن ٽڻن سان ڪيس دلي محبت هئي. هو اسڪول جي ڪيئي ايڪڙ زمين آباد ڪرائيندو هو. سندس هوندي ڪنهن کي به اها طاقت نه هئي ته ڪو گلاب جو گُل ٽوڙي يا ڪنهن وَڻَ مان انبڙي پٽي سگهي. مهيسر صاحب جي اڌ ڪلوميٽر پري کان ڏنل هَڪَلَ ڪنهن به شاگرد، ملازم يا ايتري تائين جو استاد جو به ساهُ سُڪائي ڇڏڻ لاءِ ڪافي هوندي هئي. مهيسر صاحب جي انتظامي سختيءَ جي ڪري ئي اسڪول شاندار انداز ۾ هليو ۽ انهيءَ مان زندگيءَ جي مختلف شعبن سان لاڳاپيل ڪيترائي وڏا ماڻهو پيدا ٿيا.

ناز هاءِ اسڪول مان پاس آئوٽ ڪرڻ کانپوءِ به مهيسر صاحب جو مون سان شفقت ۽ محبت وارو رشتو قائم رهيو. 1982ع ۾ مون جڏهن پوپٽ پبليڪيشن جي پليٽ فارم تان "ڪُل سنڌ ٻالڪ ميلو" منعقد ڪرائڻ جو رٿيو ۽ انهيءَ سلسلي ۾ مهيسر صاحب کي گذارش ڪئي ته، هن نه صرف ڪرنل شاهه هاسٽل جو وسيع گرائونڊ ۽ اسڪول جو فرنيچر منهنجي حوالي ڪري ڇڏيو، پر هر ممڪن اخلاقي مدد ڪندي ميلي جي مختلف سيشنس ۾ خاص مهمان طور شرڪت به ڪئي. مون کي ياد آهي ته مهيسر صاحب اسڪول ۾ پڙهندڙ پنهنجي نياڻيءَ کي به ٻالڪ ميلي ۾ پڻ شرڪت ڪرائي. اسان جي اها مانائتي ڀيڻ هن وقت خيرپور جي وومين ايليمنٽري ڪاليج ۾ پروفيسر آهي.

انهيءَ زماني ۾ جڏهن سچل سائينءَ جو عرس مبارڪ ننڍي پيماني تي ٿيندو هو، سچل سرمست يادگار ڪاميٽي جا ميمبر ۽ ڪارڪن ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جي رهنمائيءَ ۾ درازا ۾ ادبي ڪانفرنس، مشاعري ۽ راڳ رهاڻ جون محفلون منعقد ڪرائيندا هئا. خيرپور جي ڊپٽي ڪمشنر غلام محمد ميمڻ صاحب جو سچل جي ميلي سان عشق ڏسڻ وٽان هوندو هيو. ان زماني ۾ درازا ۾ مهمانن لاءِ کاڌي پيتي جو بندوبست واري شعبي جون ذميداريون رسول بخش مهيسر صاحب جي مٿان هونديون هيون. هو هڪ ڏينهن اڳ ۾ درازا جي پُراڻي ريسٽ هائوس ۾ اچي پنهنجي ڪارڪنن سميت ڪئمپ هڻندو هو. سندس نگرانيءَ ۾ ديڳيون پچنديون هيون ۽ مهمانن کي ماني کارائبي هئي.

ڊاڪٽر عطا محمد حاميءَ جي وفات کانپوءِ جڏهن "حامي يادگار ڪاميٽي" ٺاهي وئي ۽ 1983ع ۾ سوهو ڪناسره ڳوٺ ۾ حاميءَ جي پهرين ورسي ملهائڻ جو آغاز ڪيو ويو ته اُتي به هزارين آيل مهمانن جي مانيءَ جي بندوبست واري شعبي جو انچارج رسول بخش مهيسر صاحب ئي هُيو. مهيسر صاحب جي موجودگيءَ ۾ ڪنهن به ڪارڪن يا عام ماڻهوءَ کي اها طاقت نه هوندي هئي ته هو بي سبب گوشت جي هڪ به ٻوٽي، چانورن جي هڪ به پليٽ، هڪ به ڊبڙي، يا ڪولڊ ڊرنڪ جي هڪ به بوتل کڻي هرويرو ضايع ڪري يا اجايو خوشامد تي ورهائي.

منهنجو سائين: استاد رسول بخش مهيسر هڪ باوقار، ارڏو، اصولن تي اڙجي بيهڻ وارو، ڪنهن به ڏاڍي کان نه ڊڄڻ وارو، منهن تي سچ چئي ڏيڻ وارو شاگردن تي بظاهر سختي ڪندڙ پر حقيقت ۾ انهن سان اولاد جهڙو پيار ڪرڻ وارو ۽ پنهنجي ضلعي ۾ تعليم جي روشني وڌ کان وڌ ڦهلائڻ جو اونو رکندڙ هڪ اورچ انسان هيو. سندس شخصيت ۽ خدمتن جي حوالي سان هڪ ضخيم ڪتاب ترتيب ڏئي سگهجي ٿو، پر هتي هيءَ مختصر حاضري ان نيت سان قبول پوي ته، ان بهاني اسان خيرپور جي تاريخ جي هڪ منفرد ۽ وساريل ڪردار کي ياد ڪري رهيا آهيون. ■

# سمارٽ فون کان پنهنجي ٻارن کي پري رکو

ماهرن جو چوڻ آهي ته، سمارٽ فون جي بي جا استعمال سان ٻارن جو ڌيان، يادگيري، سماجي روين ۽ ننڊ تي گهرو اثر پوي ٿو، خاص طور تي جيڪي ٻار روزانو ڪيترائي ڪلاڪ موبائيل فون استعمال ڪندا رهن ٿا، انهن ۾ سماجي لاڳاپن کان ڪناره ڪشي، مزاج جي بي چيني ۽ ڌيان جي گهٽتائيءَ جهڙا مسئلا وڌي رهيا آهن. نفسيات جا ماهر تجويز ڏين ٿا ته والدين کي گهرجي ته هو پنهنجي ٻارن کي گهٽ ۾ گهٽ 16 سالن تائين مڪمل طور تي سوشل ميڊيا کان پري رکن، جيئن انهن جي ذهني نشونما صحتمند طريقي سان ٿي سگهي.



الطاف ابڙو

اج جي ڊجيٽل دور ۾ جڏهن هر شيءِ تيز رفتاريءَ سان تبديل ٿي رهي آهي، تڏهن سمارٽ فون به انسان جي روزاني زندگيءَ جو لازمي حصو بڻجي ويئي آهي، پر اها ٽيڪنالاجي اسان جي نئين نسل لاءِ ڳڻتيءَ جو سبب پڻ بڻجي رهي آهي. تازو ٿيل هڪ تحقيق موجب، سمارٽ فون جو وڌندڙ استعمال خاص طور تي ننڍن ٻارن جي ذهني، سماجي ۽ جذباتي واڌ ويجهه تي منفي اثر وجهي رهيو آهي.

”پيوريسرچ سينٽر“ جي رپورٽ موجب، آمريڪا ۽ ٻين ترقي يافته ملڪن ۾ تقريباً 11، 12 سالن جي عمر جا ٻار به پنهنجو ذاتي سمارٽ فون رکڻ لڳا آهن. تحقيق مان اهو به ظاهر ٿيو آهي ته، ڪيترا ٻار ڏينهن جو وڏو حصو اسڪرين اڳيان گذارين ٿا — ڪجهه وڊيو ڏسڻ ۾، ته ڪجهه راندين يا سوشل ميڊيا پليٽ فارمن تي مصروف رهن ٿا. اها صورتحال رڳو مغربي ملڪن تائين محدود ناهي، پر پاڪستان ۽ ٻين ترقي پذير ملڪن ۾ به تيزي سان عام ٿي رهي آهي.

ماهرن جو چوڻ آهي ته، سمارٽ فون جي بي جا استعمال سان ٻارن جو ڌيان، يادگيري، سماجي روين ۽ ننڊ تي گهرو اثر پوي ٿو، خاص طور تي جيڪي ٻار روزانو ڪيترائي ڪلاڪ موبائيل فون استعمال ڪندا رهن ٿا، انهن ۾ سماجي لاڳاپن کان ڪناره ڪشي، مزاج جي بي چيني ۽ ڌيان جي گهٽتائيءَ جهڙا مسئلا وڌي رهيا آهن. نفسيات جا ماهر تجويز ڏين ٿا ته والدين کي گهرجي ته هو پنهنجي ٻارن کي گهٽ ۾ گهٽ 16 سالن تائين مڪمل طور تي سوشل ميڊيا کان پري رکن، جيئن انهن جي ذهني نشونما صحتمند طريقي سان ٿي سگهي.

تحقيق مان معلوم ٿيو آهي ته اٽڪل 86 سيڪڙو والدين کي خبر آهي ته اسڪرين ٽائيم کي ڪنٽرول ڪرڻ ضروري آهي، پر صرف 19 سيڪڙو والدين ئي پنهنجن مقرر ڪيل اصولن تي باقاعدي عمل ڪرائي سگهن ٿا. گهڻا والدين چون ٿا ته، ٻارن کي ٽيڪنالاجيءَ کان مڪمل طور تي الڳ رکڻ ممڪن ناهي، ڇو ته تعليم، تفريح ۽ سماجي رابطن جا گهڻا ذريعا هاڻي آن لائين ٿي ويا آهن.

ماهرن جي صلاح آهي ته والدين ٻارن کي مڪمل سمارٽ فون ڏيڻ بدران اهڙا فون استعمال ڪرڻ ڏين، جيڪي صرف ڪال ۽ ميسيجنگ لاءِ هجن، يا وري اهڙا ڊوائيسز جيڪي رڳو لوڪيشن ۽ پيغام موڪلڻ تائين محدود هجن. اهڙي طريقي سان ٻار محفوظ به رهندا ۽ رابطي ۾ به.

ٻارن جي تربيت ۾ والدين جو رويو سڀ کان اهم هوندو آهي. جيڪڏهن والدين پاڻ مسلسل موبائل ۾ مصروف رهن ٿا، ته ٻار به ساڳي عادت اختيار ڪن ٿا. تنهنڪري ماهرن جو مشورو آهي ته والدين پاڻ به اسڪرين ٽائم تي حد مقرر ڪن ۽ ٻارن سان گڏ وقت گذارين. جڏهن ٻار ڏسن ٿا ته والدين پاڻ اصولن تي عمل ڪن ٿا، تڏهن هو به آسانيءَ سان انهن اصولن کي قبول ڪن ٿا. سائنسدانن جو چوڻ آهي ته گهر ۾ واضح اصولن جو هجڻ تمام ضروري آهي. مثال طور: کاڌي وقت يا پڙهائي دوران موبائل جو استعمال منع هجي.

رات جي وقت سمهڻ کان هڪ ڪلاڪ اڳ تائين اسڪرينون بند ڪيون وڃن.

جيڪڏهن ٻار ضابطن جي پيڪڙي ڪن، ته ڪين سخت سزا ڏيڻ بدران گڏجي ويهي مسئلي جو حل ڳوليو وڃي.

ٽيڪنالاجيءَ کان مڪمل طور الڳ رهڻ اج جي دور ۾ تقريباً ناممڪن آهي، پر مناسب توازن سان ان کي مفيد بڻائي سگهجي ٿو. جيڪڏهن والدين ٻارن سان گڏجي واضح حدون مقرر ڪن، انهن جي آن لائين سرگرمين تي نظر رکن ۽ پاڻ به ذميواريءَ سان ٽيڪنالاجي استعمال ڪن، ته سمارٽ فون علم، تفريح ۽ رابطن جو بهترين اوزار بڻجي سگهي ٿي، نه ته خطرناڪ نشي جهڙي عادت جو ذريعو.

آخر ۾ اهو چوڻ بي جا نه هوندو ته سمارٽ فون پنهنجي جاءِ تي ڪا خراب شيءِ ناهي، پر ان جو استعمال ڪيئن ۽ ڪيترو ڪجي، اهو ئي طئي ڪندو ته اها ٽيڪنالاجي اسان جي ٻارن لاءِ ڀلائي بڻجي. ■

## گيت



### تو ته ڇيو هو پيار بحر ۾، سامونڊي وڻجاري آهيان...

سائل پيرزادو

ڳوٺ سڄي ۾ توئي هڪڙي چاهيو مون کي،
منڙين منڙين ڳالهين سان پرڀايو مون کي ،
ڪاريو مون کي ماريو مون کي،
هاڻي ڪيئن وساريو مون کي !
دلبر ڪيئن،
وساريو مون کي !

تو ته ڇيو هو پيار بحر ۾ ، سامونڊي وڻجاري آهيان،
سسئي آهيان، سهڻي آهيان، مليراڻي ”ماري“ آهيان،
پنهنجي ڇپڙن جي ويڙا سان،
واين ۾ ويچاريو مون کي،
دلبر ڪيئن!؟
وساريو مون کي !

ته سيارو، توريءَ هيڪل، ڇا مان ايئن نهان ٿي،
سير وڏل ڇڻ پکيءَ وانگر، اندر منجهه تيان ٿي،
ڪوڙي تنهنجي قرب ڪهاڻي،
ڪانين جيئن آ ٻاريو مون کي،
دلبر ڪيئن!؟
وساريو مون کي !

توکي ڏسڻ جي اهڙي تڪڙ، تڙ تڪڙ ۾ ابتا ڪپڙا،
توکي پسڻ جي اهڙي اڻ تڻ، خشڪ ٿيا ٿئي پنهنجا ڇپڙا،
پنهنجي اکڙين جي ديدن سان،
دلڙيءَ منجهه اتاريو مون کي،
دلبر ڪيئن!؟
وساريو مون کي!

موسم وانگر مٽجي سڄي، تنهنجي خاطر آئون جيئان ٿي،
تون جي ناهين زهر برابر، انگن جو آڪيڙ پيئان ٿي،
سائل بڻجي سئن هٽان ٿي،
جيئاريو يا ڪي ماريو مون کي،
دلبر ڪيئن!؟
وساريو مون کي !

*(ماري: ٻهراڙيءَ ۾ مارئي نالي کي اڄ به اٺپوري نالي سان پيار مان ”ماري“ سڏيو ويندو آهي.)*



”فون ٻڌندي ئي چُپِ ورائي ويسِ _سال ٿيا هُو وري ڪِليو ناهي_“ گوپ ڪمل

# گوپ ڪمل جي شاعريءَ تي لکڻ ڏکيو آهي



”وري هڪ دفعو“ گوپ ڪمل جي غزلن جو پنجون مجموعو آهي ۽ نائون شاعراڻو ڪتاب آهي. گوپ ڪمل ڪهاڻي، ناول ۽ هڪ بنهه منفرد تنقيدي ڪتاب پڻ لکيو آهي. هن ڪتاب جو نالو ”هاءِ منهنجي نظر“ آهي، جنهن کي گوپ ڪمل ”ڪارٽوني تنقيد“ جو نالو ڏنو آهي ۽ ٻنهي سرحدن وچ ۾ اهو اڪيلو ڪتاب آهي، جنهن جو مثال سنڌي ادب ۾ ٻيو ڪونهي. ڪيئن به منهنجي هن لکڻ جي دائري ۾ گوپ ڪمل غزل جو هڪ اهڙو شاعر آهي ۽ سندس ڪتاب اهڙو آهي، جنهن جو مثال اڄ جي غزل ۾ هو پاڻ ئي آهي. هيءُ اهڙو غزل آهي، جنهن جي وضاحت اها آهي ته غزل هيئن به لکي سگهبو آهي ڇا؟



رڪيل مورائي

جيڪڏهن اهو قبوليو وڃي ته نثر گهٽن لفظن ۾ ٿورو چوڻ آهي، ته پوءِ اهو چوڻ ٺيڪ آهي ته، نظم ٿورن لفظن ۾ گهڻو چوڻ جو نالو آهي. ٻوليءَ ۾ ٻي ڪا به وضاحت نثر ۽ نظم کي الڳ ڪرڻ لاءِ جڙي نه سگهي آهي. ان الڳتا جون سڀ تشريحون، شخصن جون من پسند ته ٿي سگهن ٿيون، پر نثر ۽ نظم کي الڳ ڪرڻ جو عيوضپڻو ادا ڪري سگهڻ جي قوت نٿيون رکن. ٻي سڀ ذهني مشق آهي. نقادن لاءِ شايد اها ڳالهه ڪجهه وڏيڪ اُگري هجي، پر لکڻ جو وڏي ۾ وڏو سچ مان ان ڳالهه کي ئي قبوليان ٿو، اهو منهنجو سَچُ آهي.

شعر لاءِ ڪا به تشريح، تشريح ئي آهي، ان کان وڏيڪ شخص جو ويچار آهي، جيڪو الڳ الڳ ٿي سگهي ٿو، ڇاڪاڻ ته هر ويچاريندڙ لاءِ ويچار جون الڳ دريون آهن، ڳڙکيِون آهن، پٺائيءَ ٺيڪ چيو آهي ته: ”ايڪ قَصَر، دَرَ لَکَ، کُوڙيِنِ ڪٽسِ ڳڙکيون.“ منهنجو بنهه سادو خيال آهي ته، شعر جي اصل تشريح ڪرڻ تي صفحا ڪارا ڪرڻ به هڪ مشق ئي آهي. هر انسان پنهنجي ويچار جون ڳڙکيون پاڻ ڳولي لهي ٿو ۽ ان کي قبول ڪري، جيئڻ لڳي ٿو، ان کي منجهائڻ غير ضروري آهي. اڄ جي انسان جو سچُ اهو ئي آهي.

شعر انسان جي روح جو اهڙو اظهار آهي، جنهن جي تشريح ڪري به نه ڪري سگهبي. جيڪا تشريح شخص کي تسڪين ڏئي ٿي، ان کي ئي وڏو سچ سمجهڻ گهرجي، پل اها ڪيتري به سادي هجي. ان حوالي ۾ مان پنهنجي شاعر ۽ عمر ۾ وڏي دوست گوپ ڪمل جي غزل جو فقط هڪ شعر ڏيڻ چاهيندس، جيڪو سندس تازي ۽ شايد اڄ تائين آخري غزلن جي ڪتاب ”وري هڪ دفعو“ ۾ پهرئين غزل طور ڏنل آهي:

”فون ٻڌندي ئي چُپِ ورائي ويسِ،
سال ٿيا هُو وري ڪِليو ناهي.“

مان نٿو پايان ته بنهه ٿورن سرل لفظن ۾ آيل هنن ٻن سٽن کي ڪنهن ڊگهي ويڪري تشريح جي گهرج آهي. ٻيءَ طرح ڪيتريون ئي ڊگهيون ويڪريون وضاحتون/تشريحون هن احساس جو عيوضپڻو ادا ڪري سگهن. شايد ڏکيو هُجي! شعر ان احساس جو نالو آهي، جنهن کي ڪا به وضاحت/تشريح پاڻ ۾ سمائي سگهڻ کان قاصر رهندي هجي. ان کي صرف محسوس ڪري سگهجي ٿو ۽ گوپ ڪمل محسوس ڪرڻ وارو شاعر آهي ۽ اهڙا محسوس ڪرڻ جهڙا غزل هن ڪتاب ۾ ڪيترن ئي صفحن جي آبرو بڻيل آهن.

”وري هڪ دفعو“ گوپ ڪمل جي غزلن جو پنجون مجموعو آهي ۽ نائون شاعراڻو ڪتاب آهي. گوپ ڪمل ڪهاڻي، ناول ۽ هڪ بنهه منفرد تنقيدي ڪتاب پڻ لکيو آهي. هن ڪتاب جو نالو ”هاءِ منهنجي نظر“ آهي، جنهن کي گوپ ڪمل ”ڪارٽوني تنقيد“ جو نالو ڏنو آهي ۽ ٻنهي سرحدن وچ ۾ اهو اڪيلو ڪتاب آهي، جنهن جو مثال سنڌي ادب ۾ ٻيو ڪونهي. ڪيئن به منهنجي هن لکڻ جي دائري ۾ گوپ ڪمل غزل جو هڪ اهڙو شاعر آهي ۽ سندس ڪتاب اهڙو آهي، جنهن جو مثال اڄ جي غزل ۾ هو پاڻ ئي آهي. هيءُ اهڙو غزل آهي، جنهن جي وضاحت اها آهي ته غزل هيئن به لکي سگهبو آهي ڇا؟

”ٽاڪٽا جذبا ڪيئن لڪائيندين،
شهر جي موڙ، موڙ تي خطرا.“

منهنجي محدودگي هن ڪتاب تي لکڻ تائين آهي. هيءُ ڪتاب غزلن جو آهي، ٻيءَ طرح مان پنهنجي ڪنهن ليک ۾ لکي چڪو آهيان ته گوپ ڪمل نئين ڪوتا ۾ اهڙو ڪوي آهي، جنهن پنهنجي ڪوتا کي پنهنجو چهرو ڏنو آهي، اهو چهرو ڪيترو خوبصورت آهي يا ڪيترو خوبصورت نه آهي، اهو الڳ بحث آهي ۽ شاعريءَ جي ويڪري دائري ۾ لکڻ جهڙو آهي. گوپ ڪمل جو ڪتاب ”وري هڪ دفعو“دبئيءَ مان مون تائين پهتو ۽ هڪ خوشي ڪٺي آيو آهي. ميڊم ڊاڪٽر فهميده حسين چڱو موچارو بارُ ڪٺي آئي. اهو سندس وڙ وسارڻ جو ڪٿي آهي؟ ۽ ڪتاب جي غزلن جو بار ته مون کي پنهنجي ڪلهن تي شايد گهڻو وقت محسوس ٿيندو رهندو.

ڪنهن به غزل کي پڙهڻ ۽ ان کي ماڻڻ توڙي پوڄڻ ۾ وقت ته لڳندو ئي ۽ ڪجهه به لکڻ جڏهن نصيحت بڻجڻ لڳي ته، لکڻ ۽ نه لکڻ لفظ هڪ معنيٰ ۾ محسوس ٿيندا آهن. گوپ ڪمل جي غزل تي لکڻ اوترو ئي ڏکيو آهي جيترو سندس غزل کي پڙهڻ سولو آهي. ان ڪري قبوليو ويو آهي ته شاعري اعليٰ شعور جو سرل اظهار هجڻ گهرجي، جيڪا ڳالهه گوپ ڪمل جي غزل سان هڪ سئو ڪان وڏيڪ سيڪڙو لاڳو ڪري سگهجي ٿي. هيءُ سنڌي غزل کي هڪ نئين قبوليت ڏيارڻ ۾ پنهنجو مضبوط حصو ڳنديندڙ شاعر آهي، ان ۾ ڪو به وڏاءُ نه آهي.

سنڌ جي غزل جو ماحول ٻيو آهي ۽ هند جي غزل جو ماحول ٻيو آهي. وچ ۾ سياءَ، ويچار توڙي اظهار جي چڱي وٿي آهي. سنڌ جو غزل ٻوليءَ تي جي رهيو آهي، پر ويچار کان بنهه خالي آهي ۽ هند جو غزل ويچار تي جي رهيو آهي. اهو ٻوليءَ جي محدودگيءَ باوجود احساس جي شدت ڪٺي ٻنهي ڇيڙن تي ڪٿي ڳڏجندو؟

اهڙو گمان غائب آهي صنف جي سڃاڻپ ڪان سواءِ! سچ اِهو به آهي ته صنفن جي سڃاڻپ به غائب ٿي رهي آهي. شعر جو شعر هجڻ ئي ان جي اول ۽ آخر سڃاڻپ بڻجڻي آهي. اهو طئي آهي. ڪن وٽ ته سڀ هوندي جيڪو غائب آهي، اهو شعر آهي. شعر جا بحر وزن، رديف، قافيا ۽ شعر جو علم ته آهن، خود شعر ڪٿي آهن؟ تلاش جاري آهي. شاعرن کي نااميد ٿيڻ نه گهرجي. وقت سڀ سيڪاري ڇڏي ٿو. پاڻ تي اعتماد هجڻ گهرجي، گوپ ڪمل جهڙو. ”مون کي پنهنجي زمين پياري آ.“

زمين تي پير پختا هجڻ جو اعتماد ۽ زمين جو پنهنجي هجڻ جو اعتماد شاعريءَ لاءِ نهايت اهم آهي. گوپ ڪمل جو اهو اعتماد انهن شاعرن ۾ ڇو نه آهي، جن جي پيرن هيٺان زمين ته پنهنجي آهي، پر اعتماد پنهنجو نه آهي؟ شاعري پنهنجي اعتماد پختو هئڻ جو نالو آهي. شاعر اُهي ئي سدائين زنده رهڻا آهن جن جو اعتماد زنده آهي. انهن لاءِ ڇا چئبو جن جو پنهنجي تخليقي طور جيئرو هجڻ تي به اعتماد نه آهي؟

”موت دعوت وري ڏني آهي،
سوچ ۾ اڄ به زندگي آهي.“

زندگيءَ سان موهه اعتماد آهي، پنهنجو پاڻ تي، جيڪو هر شاعر جي مُوڙي هوندو آهي. گوپ ڪمل ان اعتماد جو شاعر آهي، ٻيءَ طرح هو عمر جي ان حصي ۾ آهي، جنهن ۾ انسان سان لاڳو سڀ اهنج هڪ جڳهه تي اچي ڳڏبا آهن. يقين سان اهو چوڻ ته جڳائي ته، اهو هر انسان جنهن جو زندگيءَ سان موهه هوندو آهي، ان جو اعتماد سدائين تازو توانو هوندو آهي. جيڪو اعتماد شايد شريڪانت ”صدف“ کان ماحول ڪسي ورتو هُئو ۽ هو عمر کان اڳ اسان کان الڳ ٿي ويو. هن کي وسارڻ ۾ شايد مون کي گهڻو وقت لڳي وڃي. هن جي غزل کي وسارڻ شايد گوپ ڪمل جي غزل جيان سنڌي شاعريءَ لاءِ ممڪن نه هجي!

گوپ ڪمل جو هيءُ غزلن جو ڪتاب اهڙو آهي، جنهن ۾ اڄ جو سمورو موهه توڙي حالتن جي ڏکيائي جيئن آهي، تيئن اظهار ماڻي ٿي ان ۾ ڪنهن به نقليت/مصنوعيت جو عمل دخل نه آهي، هن ڪتاب ۾ پل حالتن جي ڏکيائي، وقت جي تکائي، لمحن جي ڪڙائي، جيئن جو تيئن موجود هجي پر ان سڀ کان پهريان هيءَ شاعري زندگيءَ جي توانائيءَ جي شاعري آهي. اداسائي توڙي مايوسي، اهڙيون ڪيفيتون آهن، جيڪي حالتن سان گڏوگڏ شخص سان سفر ڪنديون آهن، پر اهڙي پڪ آهي ته گوپ ڪمل جي شاعري زندگيءَ کي اتساهه بخشيندڙ شاعري آهي. اڄ جي جيئڻ کي پنهنجي مڙني بيهودگين کان پري ڪندڙ، وقت سان زنده دلي رکندڙ، ان جي بيهودگين تي ڦٽڪار وجهندڙ ۽ ان سڀ کي ئي ته زندگي سان موهه چئبو آهي، جنهن موهه جو گوپ ڪمل شاعر آهي.

هن ڪتاب جو هڪ پاسو منهنجي دوست ڪيلاش شاداب جو اهو لکيل سٺ صفحن جو مهاڳ پڻ آهي، جيڪو گوپ ڪمل جي سموري ادبي ميراث جو هڪ دستاويز آهي. نهايت تفصيل سان لکيل اهو مهاڳ شايد هند جي ڪنهن به شاعراڻي ڪتاب تي، سڳن آهوجا جي پاران نارائڻ شيام جي لکيل تفصيلي مهاڳ جهڙو ٻيو مهاڳ آهي. پل اهو مهاڳ پنهنجي اندر ۾ گهڻو ڪجهه ڏيئي ويو هُئو ۽ هيءُ ڪيلاش شاداب جو لکيل مهاڳ پل سڳن آهوجا جي لکيل مهاڳ جيترو نه ٿي سگهيو هجي، پر اڄ جي حالتن ۾ گهڻو ڪجهه ڏئي ٿو، جيڪا اميد آئيندي ۾ گهٽ رکي سگهجي ٿي، ڇو ته اڄ جي تکي ڊوڙ ۾ هلندڙ زندگي اهو سڀ افورڊ نٿي ڪري سگهي.

ذريعن جو تبديل ٿيڻ تيزيءَ جو وڌڻ، شين جو سُسُڻ شايد ڪجهه سبب آهن، شعور جو ورهائجي وڃڻ ته پڪ اهم سبب آهي. ٻن لپين ۾ شايع ٿيل هن ڪتاب ۾ 142 صفحا آهن. ■

اڄ، 2 نومبر تي سنڌ جي نالي واري شاعري ۽ نثر نويس محترمه ساپيان سانگيءَ جو جنم ڏينهن آهي.

# ساپيان سانگيءَ جو ادبي سفر

لطيف سانگي


سنڌي ٻوليءَ جي معروف شاعره ساپيان سانگيءَ جو جنم 2 نومبر تي لاڙڪاڻي ضلعي جي شهر نئين ديري ۾ مشهور استاد ۽ تعليمي ماهر خدا بخش سانگيءَ جي گهر ۾ ٿيو. سندس اصل نانءُ ساجده پروين آهي.

ساپيان سانگي هن وقت ڪاليج ڪاتي ۾ ڪراچي شهر جي هڪ ڪاليج ۾ سنڌي مضمون ۾ ايسوسيئيٽ پروفيسر طور مقرر آهي. هن ايم اي سنڌي ادب ۾ ڪئي هئي ۽ هن وقت وفاقي اردو يونيورسٽي، ڪراچيءَ جي سنڌي شعبي مان، ايم فل جو تحقيقي مقالو ”خليفي نبي بخش قاسم جي شاعريءَ ۾ مزاحمت ۽ جماليات“ جي موضوع تي، ڊاڪٽر عنايت حسين لغاريءَ جي رهنمائيءَ هيٺ لکي رهي آهي.





بيدل مسرور بدوي صاحب ۽ ساپيان سانگي



سنڌ جي هڪ بهترين شاعر علي دوست عاجز کي ساپيان سانگي پنهنجو ڪتاب ڏيئي رهي آهي.

هيءَ سنڌي ٻوليءَ ۾ شاعري ڪرڻ ۽ نثر ۾ لکڻ سان گڏ اردو ٻوليءَ ۾ پڻ شاعري ڪندي رهي آهي، جنهن ڪري اردو ادب پڙهندڙ وٽ پڻ سندس معتبر تعارف ٿيل آهي.

ساپيان سانگيءَ لکڻ جي شروعات سن 1988ع ۾ ڪئي. ابتدا ۾ هن ”مارئي“ جي نالي سان لکيو، پوءِ ”ساپيان“ جو تخلص اختيار ڪيائين. هن شاعريءَ جي تقريبن سيني صنفن ۾ لکيو آهي، پر خاص طور غزل ۽ نثري نظم سندس پسنديده صنفون آهن، جن ۾ هن پنهنجي سڃاڻپ پيدا ڪئي آهي. نثر ۾ هن مضمون، مقالا، ڪهاڻيون ۽ تاثر وغيره لکيا آهن، پر سندس لکيل خطن جي پڻ اهميت آهي، خاص ڪري سنڌي ٻوليءَ جي هڪ وڏي شاعر شيخ اياز ڏانهن لکيل خط ۽ شيخ اياز صاحب جا هن ڏانهن لکيل لکيل وڏي اهميت وارا آهن، ۽ جيڪي ڊاڪٽر فياض لطيف سهيڙيل هڪ ڪتاب ۾ ڇپجي چڪا آهن.

ساپيان سانگيءَ جون تحريرون سن 1990ع جي ڏهاڪي کان سنڌ جي نمائنده رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپجي مڃتا ماڻي چڪيون آهن. سندس لکيل ڪيئي تحقيقي مقالا ريسرچ جرنلس ۾ پڻ ڇپيا آهن. سندس شاعريءَ جو پهريون مجموعو ”اڄا ڪائنات جيئري آ“ جي نالي سان سن 2007ع ۾ ڇپيو هو، جنهن پڙهندڙن وٽ سندس هڪ پختي شاعره واري سڃاڻپ ڪرائي. جڏهن ته سندس ٻيو شعري مجموعو ”خاموشي ڳالهائي ٿي“ گذريل سال (2024ع) ۾ شائع ٿيو هو، جنهن کي پڻ ادبي حلقن پاران پسند ڪيو پيو وڃي.

ڪيس سندس شاعريءَ جي مڃتا عيوض ٻين ايواردن سان گڏ شهباز ايوارڊ ۽ غلام رسول غمناڪ اوارڊ پڻ ملي چڪا آهن. ■

## نظم

# اڄ جنم ڏينهن کي ملهايان ٿي

*(سنڌ جي ناميارِي شاعره، محترمه ساپيان سانگيءَ جو اڄ، 2 نومبر تي جنم ڏينهن آهي، اسان، ان ڏينهن جي حوالي سان لکيل سندس هيءُ نظم شايع ڪري رهيا آهيون.)*

ساپيان سانگي

زندگيءَ روشنيءَ ۾ ڪئي آجيان
پيءُ پنبڙين اندر وسايو هو
مُرڪندي مهڪندي ڏئي ٻوسو
چنڊ ڇپڙن جو جڳمڳايو هو
سِينڌ منهنجيءَ تي سر نوايو هو
”رحمتِ رب“ سڏيو هو سجدن ۾
ماءُ سُورن سان ڏئي جنم جيوَن
مرڪندي نيڻ نم ڪيا پنهنجا
ڪا نماڻي نظر وجهي مون تي
مسڪرايو هو، سيني لايو هو...
”رب نوازيو آ مون کي نياڻيءَ سان“
اوڙي پاڙي ۾ هيءُ ٻڌايو هو.
منهنجي بابا امان جي خوشين جو،
سونهن جو سج الله اپاريو هو.
هائو منهنجو جنم ڏهاڙو هو
اڄ هي منهنجو جنم ڏهاڙو آ _
چو نه خوش ٿي ڪِلان ۽ مُرڪان مان
زندگي سونهن ۽ صداقت آ
زندگي پيار ۽ عبادت آ
زندگي ساهه جي امانت آ
اڄ جنم ڏينهن کي ملهايان ٿي
سُرمئي شام،
باک اُجريءَ ۾
گنگنايان ٿي
گيت ڳايان ٿي
آ تصور ۾ قونيه منهنجي
۽ نگاهن ۾ ڪائناتون هِن
روح جو رقص ٿي پيو آ مَنُ
چنڊ جو عڪس ٿي پيو آ مَنُ.
■

# اسان ٿيمس درياهہ وٽ بيهي چوڌاري خوبصورت منظر ڏٺا



سعيد منگي

لنڊن ۾ ادا امتياز سان گڏ بازار ويس، جتي هن وڏا شاپنگ سينٽر ڏيکاريا. سائوٿ ايشيا جي حصي ۾ رکيل گهرو استعمال جون شيون ڏسي حيران ٿيس تہ پاڪستان ۾ ملندڙ هيءَ شئي تہ هتي رکيل آهي. هتي حلال گوشت جا الڳ دڪان هئا، جيڪي اڪثر عربن جا هئا. ٻاڪرو گوشت ۽ وڏو گوشت مشين وسيلي ڪٽي پارسل ڪيو پئي ويو. ٻاهر نڪري ڪولڊ ڪافي پيتي سين.
گهر اچي ادا امتياز جي ٻارڙن سان ڪچهري ڪئي. سندس فرزند ۽ ٻہ نياڻيون اڪثر پنهنجي پيءُ سان ڪچهري ڪري رهيون هيون. ننڍڙي نياڻيءَ کي پئنٽنگس ٺاهڻ جو شوق هيو. پنهنجيون ڊرائنگس ۽ پئنٽنگس مونکي ڏيکاريائين. مون کين حضرت سچل سرمست جي شاعريءَ جي حوالي سان ٺاهيل پنهنجي پئنٽنگس جون ڪئنواس پرنٽس تحفي ۾ ڏنيون. اسان شام جو ٻارڙن سان گڏجي لنڊن جي پاڪستاني علائقن ۾ وياسين، جتي اڪثر ڪاروبار پاڪستانين جو آهي. هتي ريسٽورينٽ ۽ ڪيترائي دڪان هئا. ادا امتياز پنهنجي ننڍڙين جا وار بہ اتان ڪٽرايا ۽ ٻڌايائين تہ هتي پاڪستانين جي هجڻ جي ڪري مناسب قيمت ۾ وار ڪٽجن ٿا، جڏهن تہ لنڊن جي ٻين علائقن ۾ وڌيڪ پئسا ورتا وڃن ٿا.
رات ٿي وئي هئي. واپس اچي پنهنجي دوست ڊاڪٽر شهزاد ميمڻ سان فون تي ڪچهري ڪيم، جيڪو سنڌ يونيورسٽي جي آءِ ٽي ڊپارٽمينٽ ۾ پروفيسر آهي. هن پي ايچ ڊي لنڊن مان ڪئي، ۽ واپس اچي پنهنجي معاهدي مطابق سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ خدمتون سرانجام ڏنائين. تازو ڪيس لنڊن جي ناليواري ۽ ٽاپ رينڪنگ فرم ۾ نوڪري ملي آهي.
ڊاڪٽر شهزاد تمام گهڻو محنتي، باصلاحيت ۽ تخليقي ذهن رکندڙ استاد آهي. گڏوگڏ آرٽ کي پسند ڪندڙ ۽ پاڻ بہ آرٽسٽڪ طبيعت جو مالڪ آهي. فون تي ڳالهہ ٻولهہ دوران اهو طئي ٿيو تہ صبح جو لنڊن جي مختلف جاين تي گهمڻ هلنداسين.
صبح سوير جو تيار ٿي، سندس پاران ٻڌايل اسٽريٽ فورڊ اسٽيشن تي اچي لٿس. ڪجهہ دير ۾ ڊاڪٽر شهزاد اچي ويو، جنهن ٻڌايو تہ هي علائقو خاص اولمپڪ لاءِ جديد طرز تي ٺاهيو ويو آهي. جديد عمارت سازي، گهٽيون ۽ چونڪ... چوڌاري مانومينٽ ۽ ڊيڪوريشن وڻندڙ هئي. هي علائقو لنڊن جي روايتي عمارت سازي ۽ قديم ڪلچر کان ڪجهہ مختلف لڳو. ڊاڪٽر شهزاد سان گڏ لنڊن شهر جي تاريخي ۽ اهم مانومينٽ ماڳن ڏانهن روانا ٿياسين. اسان بگ بين زيلزبيٿ ٽاور جي تاريخي گهڙيال پرسان اچي بيٺاسين، جيڪو ويسٽ منسٽر محل جو حصو آهي. عام طور پارليامينٽ هائوس جي نالي سان مشهور آهي. هي تاريخي ڪمپليڪس برطانيا ۾ حڪومت جو مرڪز آهي، ۽ اهم ٿيمس درياهہ تي واقع آهي.
هي پورو علائقو مشهور عالمي ورثو آهي. عمارت سازيءَ ۾، گوٿڪ اسٽائيل طرز تي، نئين سر19 هين صديءَ ۾ ٺاهيو ويو هو. هن 11هين صديءَ کان مسلسل پنهنجي اهيمت ۽ حيثيت برقرار رکي آهي. پارليامينٽ هائوس، ويسٽ منسٽر محل، هائوس آف ڪامنز ۽ هائوس آف لارڊز جي ملاقات جي جاءِ آهي، ان ڪري بہ هي دنيا جي وڌيڪ ڇاتل سڃاتل عمارتن وارن ماڳن مان هڪ سمجهيو ويندو آهي. هي علائقو برطانيا جي دل جيان آهي. بگ بين نالو ٽيڪنيڪل طور تي وڏي گهنٽي يا گهڙيال جو تصور ڏئي ٿو. عام طور تي هڪ هي 96 ميٽر ڊگهو گهڙيال ٽاور آهي. ٽاور کي سرڪاري طور تي 2012 ۾ راڻي ايلزبيٿ IIجي ڊائمنڊ جوبليءَ جي اعزاز ۾ ايلزبيٿ ٽاور جو نالو ڏنو ويو هو. هن من موهيندڙ ماڳ جي ڊگهي تاريخ آهي.
سڀ کان پراڻو بچيل حصو ويسٽ منسٽر هال آهي، جيڪو 1907 ع ۾ ٺاهيو ويو. موجوده عمارت 19 هين صديءَ ۾ لڳل هڪ وڏي باهہ کان پوءِ گوٿڪ انداز ۾ ٻيهر




تعمير ڪئي وئي. هيءَ عظيم گهنٽي، بگ بين جي پهرين وڄت 31 مئي 1959 ع تي ٿي هئي. اسان ٿيمس درياهہ وٽ بيهي چوڌاري خوبصورت منظر ڏٺا. ڪيترائي سياح پهتل هئا. ڪيترائي آرٽسٽ پنهنجا مختلف هنر ڏيکاري رهيا هئا. ميوزڪ بينڊ ۽ ٻيا ساز وڄائي ماحول کي وڌيڪ مهڪائي رهيا هئا. موسم بہ مهربان هئي. جُهڙ جي ڇانوَ ۾ ٿنهن مهل، برسات جي ڪٽين ۽ هوا جي جهوٽي جي ساٿ ۾ موسم وڌيڪ ٿڌي ٿي پئي هئي. سچ پچ تہ اتان اڳتي وڃڻ لاءِ دل ئي نہ پئي چاهيو، پر چوڌاري نظر ايندڙ ڪيترائي منظر اسان جا منتظر هئا. اسان جا قدم بہ اوڏانهن وڌڻ لڳا. نديءَ جي پرسان تمام وڏي سائيز ۾ مانومينٽ لڳل هئا. ٻن گهوڙن ۽ ڪجهہ فگرمس جي سهڻي ڪمپوزيشن نظر آئي. ويسٽ منسٽر برج پرسان بوڊيڪا شاندار اعزاز ۽ فخر سان نصب ٿيل هيو.
پارليامينٽ هائوس وٽ پهتاسين تہ اتي ڪيترائي انگريز فلسطين جي حق ۾ غزهہ تي ٿيندڙ ظلم خلاف بينر ۽ پلي ڪارڊ کنيون بيٺا هئا. مون ڏٺو اتي تقريبن انگلينڊ جا رهاڪوئي ان احتجاج ۾ بيٺل هئا ۽ نعرا هڻي رهيا هئا. اها مون لاءِ ان حوالي سان بہ نئين ڳالهہ هئي تہ، مصروف ۽ تيز رفتار لنڊن ۾ پارليامينٽ جي آڏو هي ماڻهو انسانيت لاءِ، ڪيئن نہ آواز اٿاري رهيا هئا. ڊاڪٽر شهزاد ٻڌايو تہ، هتي هر قسم جي احتجاج جي آزادي آهي ۽ اڪثر اتي ئي مظاهرا ٿيندا رهندا آهن.
ڪجهہ گهڙيون بيهي ڏٺم تہ چوڌاري هر هڪ شئي پنهنجي رواجي رفتار سان هلي رهي هئي ۽ هي احتجاج ڪندڙ پنهنجو آواز ۽ موجودگي رڪارڊ ڪرائي رهيا هئا. هي علائقو تمام حساس ۽ اهم هيو، جتي ملڪ جا اهم ادارا، قانونساز ۽ عوام جي نمائندگي ڪندڙ ايوان هئا. تمام وڏي ايراضيءَ ۾ عمارتون هڪ ئي روايتي انداز سان، ميلن تائين گڏيل هيون. اتي هڪ مجسمو گهوڙي سوار بادشاهہ رچرڊ پهرين، جو رکيل هيو، جنهن کي رچرڊ دي لائين هارٽ پڻ چيو ويندو آهي. پراڻي محل جي صحن ۾ واقع اهو مجسمو آرٽسٽ، مجسہ ساز بارون ڪارلو مارو چيٽي ٺاهيو هو ۽ اهو 1867 ۾ مڪمل ڪيو ويو هيو. پتل جي مٽيريل مان ٺهيل اهو مشهور وڪٽورين يادگار آهي، جيڪو بهادري ۽ بهادرن جي خوبين جي نمائندگي ڪري ٿو. عمارت آڏو ٻيا بہ مجسما لڳل هئا، جن ۾ شينهن ۽ بادشاهہ پنهنجي تلوار سان بيٺل آهن. اڳتي هلي ويسٽ منسٽر ايبي پارليامينٽ هائوس جي ويجهو آهي. هي يونيسڪو جي عالمي ورثي واري سائيٽ جو حصو آهي، جتي تاريخي ۽ نمايان عمارتون ۽ اڏاوتون آهن.
چوڌاري ٽريفڪ روان دوان هئي. هلندڙ ڊبل بسون ۽ دنيا جون ماڊرن گاڏيون چوڌاري هلي رهيون هيون. هن علائقي ۾ اجا بہ وڌيڪ اهم ادارا ۽ ڪيتريون ئي تاريخ ساز عمارتون نظر اچي رهيون هيون. اسان ڪجهہ دير ساهي پٽڻ لاءِ بئنچن تي ويٺاسين. مونکي سامهون پارليامينٽ آڏو فلسطين جي حق ۾ ۽ غزهہ ۾ ٿيندڙ غير انساني سلوڪ خلاف بيٺل مظاهرين نظر اچي رهيا هئا. اسان سپريم ڪورٽ جي سامهون ويٺل هئاسين. ٿوري ٿوري جڳهہ تي خوبصورت پارڪ، ساوڪ، گل ۽ منفرد وڻ پکڙيل هيا. ڪجهہ تمام پراڻا وڻ هئا، جن تي ويٺل پکي آزاديءَ سان پنهنجي ٻولي ٻولي رهيا هئا. ■

## ڪتاب: مثبت سوچ (مضمون) _ ليکڪ: ڊاڪٽر زيد پيرزادو

# مثبت سوچ جو اظهار





ڊاڪٽر جاويد شيخ

ڊاڪٽر زيد پيرزادو، جنهن فڪري ۽ تخليقي گلن جي ٿاريءَ جو حوالو آهي، سا سنڌ ۾ سالن کان روشن خيال، ترقي پسند، جدت طرازي، نون تجربن ۽ نئين خيال جي حوالي سان سڃاتي وڃي ٿي. انور پيرزادي جو سمورو ڪٽنب هاڪاري ۽ حسناڪ ڪلاڪار آهي. ڊاڪٽر پروفيسر زيد انهيءَ ئي ڪڙم جو نئون دماغ آهي، جيڪو پنهنجي هر ڪاوش ۾ نئين دماغي ڇم سان نيون ڳالهيون ونڊيندو آهي. سندس مضمونن تي مشتمل تازو ڪتاب "مثبت سوچ" سندس نئين سوچ ڪي نشانبر ڪري ٿو. ڪتاب ۾ سادي پيرائي ۾ ڏاهپ جا ڏس پتا ڏنا ويا آهن. هن پنهنجي لکڻين ذريعي سماج کي جهڙوڪر سڌي پير تي بيهارڻ لاءِ ڇهه نڪاتي (موضوعاتي ) تحريري روپ ۾ ترقياتي پروگرام جاري يا پيش ڪيو آهي، جنهن کي، حاڪم ڪان رعايا تائين، سيني کي هئين سان هنڍائڻ ۾ ئي ڀلائي ڇئبي.

"سماجيات،" "تعليم،" "سوشل ميڊيا،" "ادب،" "صحت" ۽ "سياحت" جهڙا ڇهه ئي نفعي بخش نڪتا آهن، جيڪي اهميت جوڳا موضوع آهن، ۽ جيڪي جديد دور جي تقاضائن جي پُورائي ڪري سگهن ٿا.

ڊاڪٽر زيد پنهنجي لکڻين ۾ مشرق ۾ رهندي، سوچيندي نظر اچي ٿو، پر سندس ذهن مغربي نموني واري حيات جو چاهڪ ۽ اُتان جي معاشري جهڙا جميل خواب ڏسي ٿو. سندس تحريرن ۾ عام ماڻهوءَ سان درپيش مسئلا ۽ انهن جا حل حساب موجود آهن. سندس سوچ جو دائرو وسيع ۽ منفرد خوشبوءِ وارو آهي. سندس نثر توڙي نظم نواڻ پسند ۽ انتهائي اتساهيندڙ آهي. هو سنڌي سماج ۾ نين راهن، نون رستن ۽ نئين منزلن کي ڳولهي لهڻ جي آرزو رکي لکي ٿو. سندس لکڻين جو دائرو چوڏسا ڦرندڙ ڦهلجندڙ آهي. زيد جا خيال پکيءَ جيان آزاد فضا ۾ اڏرڻ جا مشتاق آهن، جيڪي مقامي ماحول مان فڪري خوشبو کڻي، پرلوڪ تائين فڪري پسار ڪري، انهيءَ ديسي سڳنڌ کي ورهائي ونڊي سنڌ جو تعارف ڪرائي، پوءِ موٽن ٿا.



ڊاڪٽر زيد جي هن ڪتاب (مثبت سوچ) جو پهرئين ڪالم جهڙي مضمون جو عنوان آهي،"سوچ الڳ پر منزل ساڳي آهي." اهو پنهنجي تخليقي مقصد ۾ نهايت ئي

**ڪتاب "مثبت سوچ" نئين سوچ کي نشانبر ڪري ٿو. هن ۾ سادي پيرائي ۾ ڏاهپ جا ڏس پتا ڏنا ويا آهن. زيد پيرزادي پنهنجي لکڻين ذريعي سماج کي جهڙوڪر سڌي پير تي بيهارڻ لاءِ ڇهه نڪاتي (موضوعاتي ) تحريري روپ ۾ ترقياتي پروگرام جاري يا پيش ڪيو آهي، جنهن کي، حاڪم ڪان رعايا تائين، سيني کي هئين سان هنڍائڻ ۾ ئي ڀلائي ڇئبي. ليکڪ پنهنجي مضمونن ۾ ڪٿي استاد، ڪٿي ويج، ڪٿي سماجي سيوڪ ۽ سائنسدان، ڪٿي روين، سياءَ ۽ مزاج جو معالج، ڪٿي دانشور، ته ڪٿي سياح طور پنهنجو تعارف ڪرائي پاڻ مڃرائڻ ۾ مصروف نظر اچي ٿو.**

ڪارگر آهي. ان ۾ ليکڪ سماجي سونهين وارو پاڻ هرتو منصب سنڀالي خارجي خرابين ۽ بي ترتيبيءَ کي درست ڪرڻ ڏانهن پنهنجو قلم کڻي قدم وڌايو آهي. ان سلسلي ۾ مفيد صلاحون، نيڪ تمنائون ۽ مشورا ڏئي گڏجي هڪ هنڌ ڪم ڪرڻ لاءِ اتساهئي ٿو. سندس هڪ هڪ ڳالهه محبت ڀري ۽ هاڪاري آهي. اها حقيقت آهي ته عام ماڻهن جا مسئلا ۽ ترجيحون هڪجهڙيون آهن. ته پوءِ انهن جو حل به ساڳيو هوندو، تنهن ڪري چونه ساڳئي منزل ۽ مقصد جي حاصلات تائين رلجي گڏجي اڳتي وڌجي. جيئن ته زيد پيشي جي لحاظ ڪان استاد آهي، انهيءَ ڪري وٽس سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جي صلاحيت نهايت موثر ۽ مضبوط آهي.

هن ڪتاب ۾ جملي 33 ليک آهن، جيڪي مختلف سنڌي اخبارن ۾ ڇپيل آهن. ڪتاب جو هر مضمون هڪ فڪري دنيا آهي، جن مان ليکڪ ڪٿي استاد، ڪٿي ويج، ڪٿي سماجي سيوڪ ۽ سائنسدان، ڪٿي روين، سياءَ ۽ مزاج جو معالج، ڪٿي دانشور، ته ڪٿي سياح طور پنهنجو تعارف ڪرائي پاڻ مڃرائڻ ۾ مصروف نظر اچي ٿو. هونئن ته سندس هر تحرير تي جامع انداز ۾ راءِ ڏيئي سگهجي ٿي، روشني وجهي سگهجي ٿي، پر ان لاءِ وري هڪ ٻئي ڪتاب جي تياريءَ لاءِ قلمي سندرو ٻڌڻو پوندو. بهرحال "ٿورو لکيو، گهڻو سمجهي" واري ڳالهه کي نظر ۾ رکي آءٌ بس ايترو چوڻ/لکڻ چاهيندس ته زيد جي سوچ، نظر، تجربو ۽ محسوسات جو ڪمال اهو آهي، ته هو نئين ڏينهن، نئين تخليقي سج جيان منفرد ۽ مثبت ماحول جو متلاشي محسوس ٿئي ٿو. هو سائنس، حقيقت ۽ سچائي پسند جيو آهي، جنهن هميشه اُلٽيءَ کي سڌي ڪرڻ جي سڌ رکي لکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. آخر ۾ هڪ راءِ اها به ته، سنڌ جي تعليمي نصاب تي ڏکهي عرصي تائين ناول جهان آرا جهڙا ڪيئي فضول، بي مقصد ۽ غير سائنسي ۽ سماجي ڪتاب رکيا ويا آهن، انهن جي جاءِ تي هن ۽ هن جهڙن مثبت سوچ رکندڙ ڪتابن کي رکي نئين نسل کي آفاقي حقيقت ۽ سچائيءَ سان همڪنار ڪري موجوده دور کان واقف ڪرائجي ته ڪيڏو نه سٺو ٿي پوي. ■






## وائي

### مهر فقير

هيرلڳي هيرلڳي
آءُ پرين ڙي
هيرلڳي
رويو تڪيان راهه ڏسان
ساهه سڪي ڙي
هيرلڳي
گونج ڦٽن گل جهومن
تاڙو تڳي ڙي
هيرلڳي
ور وري ناهي سري
روح رڙي ڙي
هيرلڳي
آءُ سُرڪي مل مُرڪي
جيءُ جُڙي ڙي
هيرلڳي



## وائي

### حسن وساڻ

تون جي گڏ هئينءَ
خواب ئي خواب هئا
نيڻن منجهه پرين
چهرا سڀ وٽندڙ
جڻ ته گلاب هئا
نيڻن منجهه پرين
اسان سڀ رکيا
مک مهتاب هئا
نيڻن منجهه پرين
رات سڄڻ مون سان
هم رقاب هئا
نيڻن منجهه پرين
ايڏا چو رکيا
تو حجاب هئا
نيڻن منجهه پرين
ننڊ نه آئي سپنا
ٿيا بيتاب هئا
نيڻن منجهه پرين
تو کان پوءِ سکي
ايندا آب هئا
نيڻن منجهه پرين
خواب اوهان کان پوءِ
ٿيا غرقاب هئا
نيڻن منجهه پرين



## غزل

### اسير اياز چنه

دولت ۽ انا خاطر الماس سڙيو آهي
سنسار محبت جو آڪاس سڙيو آهي

ايثار محبت جي اُپتار هئي جتڙي
انسان هتارو ات احساس سڙيو آهي

جنهن شخص ڪيا روشن مينار محبت جا
ان گهر ۾ وفائن جو اپياس سڙيو آهي

ڪاڳر ۽ ڪلي وانگر آتش ۾ اڪين سامهون
سرعام گليءَ ۾ ماڻهو ماس سڙيو آهي

اشعار ذريعي جنهن اتساهه ڏنو سڀ کي
هڪ پل ۾ اسير سو قرطاس سڙيو آهي.



## غزل

### گهايل لغاري

اکين ۾ نور ڪونهي ڪو
زمانا! سور ڪونهي ڪو؟

انا تعلق ڇڏيا توڙي
اهو ناسورا ڪونهي ڪو؟

پرانهين پار هوندي پي
هو دل کان ڏور ڪونهي ڪو

اکين جي گهاٽي ۾ آهي
تڏهن پي چور ڪونهي ڪو

محبت پل وڃي هڌ هڌ
ڪُڇڻ دستور ڪونهي ڪو

وڄائي سونهن کي گهايل
ايڏو مجبورا ڪونهي ڪو.



## غزل

### عبدالله آس هنگورجو

لهندڙ شام ڏسي گهوريان ٿو
لُڏندڙ لام ڏسي گهوريان ٿو

من کي منظر موهيندا هِن
هُن جو گام ڏسي گهوريان ٿو

نيڻ نياپا ڏيئي ويئي
پرين پيغام ڏسي گهوريان ٿو

مور ٿهوڪيا، ڍيلون ڊوڙيون
آڏيگام ڏسي گهوريان ٿو

عشق اکين ۾ اُتريو آهي
جوين جام ڏسي گهوريان ٿو.

# جديد سماجي نفسيات جي اُپٽار ڪندڙ شاعري

روشن شيخ جي شاعريءَ کي پس ساختياتي (Post_Structuralism) پڙهڻيءَ ۾ ڏٺو وڃي ته اهو احساس ملي ٿو ته شاعر معنيٰ جي ڪنهن مقرر مرڪز کي قبول نٿو ڪري. هر نظم ۾ معنيٰ ”تجربي جي نئين تهه“ ۾ بدلجي وڃي ٿي. مثال طور، ”انفرينڊ ٿيڻ“ رڳو رشتو ٽٽڻ نه آهي، پر جديد انسان جي Digital Isolation جو استعارو آهي. پوسٽ ماڊرن ازم فڪر ۾ Intertextuality ۽ Fragmentation اهم جز آهن. جيڪي سندس قسطن واري شاعريءَ ۾ صاف نظر اچن ٿا. هر قسط هڪ مڪمل نظم به آهي، پر گڏجي هڪ وڏو Narrative به ٺاهي ٿو. اهو ئي جديد ڪهاڻي ۽ شاعريءَ جو نئون اسلوب آهي.



حبدار جاگيراڻي

جديد ترقي پسند فڪر جي پاسدار شاعريءَ جي روايت ۾ هميشه انسان، احساس ۽ حقيقت جي وچ ۾ هڪ فڪري گفتگو رهي آهي. جديد دور ۾ جڏهن انساني وجود، ٽيڪنالاجي، محبت، سوشل ميڊيا ۽ سماجي اڪيلائيءَ جا لاڙا گڏجي نوان رويا پيدا ڪن ٿا، تڏهن شاعري به انهن تبديلين جي نمائندگي ڪرڻ لڳي ٿي. سنڌي جديد شاعري پڻ پنهنجي سفر ۾ ڪيترن ئي فڪري ۽ فني مرحلن مان گذري آهي. اهڙي فڪري فضا ۾ روشن شيخ جهڙا شاعر پنهنجي داخلي احساس، سماجي شعور، ۽ وجودي ڳولا کي اهڙي ڪيفيت سان پيش ڪن ٿا، جو اها شاعري صرف اظهار نه پر تحقيق ۽ خود شناسائي جو سفر بڻجي وڃي ٿي.

روشن شيخ جي ڪتاب ”هُن مون کي انفرينڊ ڪري ڇڏيو“ جو عنوان ئي جديد سماجي نفسيات ڏانهن اشارو آهي، جتي ”انفرينڊ“ لفظ جديد ڊجيٽل دور جي رشتن، جذباتي لاتعلقي، ۽ احساس جي مجازي حقيقت جو علامتي اظهار بڻجي ٿو. هيءَ شاعري جذبات، سماج، ۽ فرد جي وچ ۾ هڪ مسلسل ٽٽندڙ ۽ جڙندڙ لاڳاپي جو منظرنامو پيش ڪري ٿي، جيڪو جديد انسان جي نفسياتي بيچيني، محبت جي نئين تعريف، ۽ وجودي تشڪيل کي بيان ڪري ٿي.

**جديديت ۽ وجوديت جي تناظر ۾:**

جديد سنڌي شاعريءَ ۾ وجوديت (Existentialism) ۽ داخلي شعور (Stream of Consciousnes) جا اثر واضح نظر اچن ٿا. روشن شيخ جي شاعري ان فڪري رخ جو هڪ زنده مثال آهي. سندس نظم ”ڏءُ ڪري توکي ڏٺو هئم“ ۾ شاعر پنهنجي وجودي احساس کي هن طرح ظاهر ڪري ٿو: ”مان نه تڏهن به، تنهنجي سالگره ملهائيندوهوس. جڏهن تنهنجو جنم به نه ٿيو هو.“

هي سٽون صرف رومانوي اظهار نه آهن، پر انهن ۾ ”وقت“ جي وجودي تصور سان هڪ فلسفياڻي راند ڪيل آهي، جنهن ۾ شاعر وقت کان آزاد ٿي، پنهنجي احساس کي ايترو ازلي بڻائي ٿو جو محبت هڪ metaphysical صورت اختيار ڪري ٿي. وجوديت جو هڪ خاص لاڙو ”اندروني مان“ جي ڳولا پڻ آهي. روشن شيخ جي شاعريءَ ۾ ”مان“ هڪ مرڪزي ڪردار طور اڀري ٿي. اهو ”مان“ ڪڏهن عاشق آهي، ڪڏهن ڏڪويل فرد، ڪڏهن سماجي وجود ۽ ڪڏهن فڪري مسافرآهي. هي ”مان“ دراصل جديد انسان جي علامت بڻجي وڃي ٿي، جيڪا مسلسل پنهنجو پاڻ سان گفتگو ۾ آهي. احساس، بيچيني ۽ داخلي ڳولا، نفسياتي طور تي روشن شيخ جي شاعريءَ ۾ نمايان آهن. سندس ڪردار پاڻ سان، وقت سان ۽ سماج سان ٽڪراءُ ۾ آهي. نثري نظم ”مان هن جو ٻيو عشق آهيان“ ۾ شاعر پنهنجي وجودي احساس کي محبت جي نفسياتي تهه سان ڳنڍي ٿو:

”مان هن جو ٻيو عشق آهيان.
هوءَ اڄڪلهه مون ’دو نمبري ماڻهوءَ‘ سان
پهرين نمبر جي محبت ڪندي آهي.“

هتي شاعر ”ٻيو عشق“ ٿيڻ جي احساس کي صرف رشتي جي درجي تائين محدود نٿو رکي، پر اهو احساس ”وجودي محرومي“ ۾ بدلجي ٿو. محبت جو تصور هتي نفسياتي درجه بندي (Hierarchy of Attachment) سان ڳنڍجي ٿو، جتي شاعر جي ذات پاڻ کي ٻئي درجي تي محسوس ڪري ٿي۽ اهو احساس جديد انسان جي اندر جي Insecurity ۽ Anxiety جي علامت بڻجي ٿو. اهو ئي نفسياتي تڪرار نظم ”فاسٽ فوڊ جي شوقين ڇوڪري“ ۾ سماجي طنز سان ملي ٿو، جتي شاعر روايتي محبت ۽ جديد صارف پسندي (Consumerism) جي وچ ۾ فرق کي بيان ڪري ٿو:

”اسان چُرڻيو پاڻي پيئڻ جا عادي ، اسان کي منرل واٽر جو ذائقو نپ ناهي وڻندو.
فاسٽ فوڊ جي شوقين ڇوڪري ٻڌ! مان پلي، ڪاڏو پاروٿو ڪاوان.
پر توسان پاروٿي محبت نه ڪندو آهيان.“

هتي شاعر رڳو کاڌي جو فرق نه ٿو ڏيکاري، پر ٻن مختلف سماجي نفسياتن جي ڳالهه ڪري ٿو: هڪ Organic Love، جنهن ۾ اخلاص ۽ قرباني آهي، ۽ ٻيو Processed Love ، جنهن ۾ مصنوعيت ۽ ظاهريت آهي. اهو تضاد جديد نفسياتي بحران جو آئينو آهي، جتي محبت، رشتا ۽ احساس به صارفي وکروانگر عارضي ٿي ويا آهن.

**سماجي شعور ۽ جديد سماج جي تصوير:**



روشن شيخ جي شاعري ۾ ڳوٺ، شهر، ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي ٽڪراءَ کي نهايت لطيف علامتن ۾ بيان ڪيو ويو آهي. نظم ”مونکي شهر وڻٿو آهي“ ۾ شاعر سماجي جمود، خوف، ۽ سياسي دٻاءَ جو احساس اهڙي بي ساختگيءَ سان پيش ڪري ٿو، جو اهو هڪ دستاويزي شاعريءَ جو نمونو لڳي ٿو:

”پر مان شهر وڃان ته ڪيئن وڃان؟
ڳوٺ ۾ ڪرفيو جهڙو ماحول آهي
جتي گوليون ، ماڻهن جي ڳولا ۾
چوويهه ڪلاڪ
ڪلاشنڪوف جي وات ۾
اکيون پٽي ويٺل آهن.“

هي منظر رڳو هڪ ڳوٺ جو نه، پر سڄي معاشرتي فضا جو آهي، جتي فرد جو وجود خوف ۾ قيد آهي. جديد دور جي سياست، دهشت ۽ بيچينيءَ جو اثر هتي شاعر جي شعور ۾ حقيقت جي صورت ۾ موجود آهي.





**لسانياتي اظهار ۽ جديد جماليات:**

روشن شيخ جي شاعريءَ جو سڀ کان نمايان خاصو سندس ”لساني بي ساختگي“ ۽ ”محاوراتي فصاحت“ آهي. هو سنڌي ٻوليءَ جي روايتي لچڪ کي جديد اظهار سان ڳنڍي ٿو. سندس ٻولي ۾ ائين لڳي ٿو جڻ ٻولي پاڻ ڳالهائي رهي آهي، جيئن نثري نظم ”ٽيهه منٽ“ ۾ هو چوي ٿو:

”مان
اسٽيشن تي ويٺو آهيان
ٽرين اچڻ ۾ ٽيهه منٽ آهن
ٽيستائين نظمن جي شاعرَ جي آتم ڪٿا جا، ٽيهه ڪن صفحا پڙهي وٺان
جن ۾ ٽيهن سالن جي ڇوڪريءَ جي وڇوڙي جو ذڪر ٿيل آهي.“

هي سٽون وقت جي علامت کي ”محبت جي وقتي ناممڪنيت“ ۾ تبديل ڪن ٿيون. شاعر هتي Temporal structure کي Existential longing سان جوڙي ٿو. اهڙي اظهار کي جديد ادب ۾ Temporal Symbolism چيو ويندو آهي. هي جمالياتي ڪمال آهي، جتي سادي ڳالهه فلسفياڻي شدت اختيار ڪري ٿي.

ٻوليءَ ۾ روزمره جي لفظن (”چيڪ،“ ”واٽس ايپ،“ ”پرفيوم“) جو استعمال جديد سنڌي شاعريءَ کي ٽيڪنالاجيءَ سان ڳنڍي ٿو. هي پوسٽ ماڊرن شاعريءَ جو خاص اسلوب آهي، جتي روايت ۽ جديديت گڏ رهن ٿيون.

**وجودي بيچيني ۽ وقت جو فلسفو:**

روشن شيخ جي نثري نظم ”ڏهه سال“ ۾ وقت جي احساس کي هڪ وجودي فڪر سان بيان ڪيو ويو آهي:

”مان توسان ڏهه سال اڳ ملان ها ته
اڄ ائين مٿي ۾ ڏهن هنڌن تي چاندي نه هجي ها
ڏهه ڏهه دفعا ڊاڪٽر کي طبيعت ڏيکارڻ نه وڃان ها
تون مون سان ڏهه فيبروري کان اڳ ملين ها ته،
اڄ مان 40 بجاءِ 30 سالن جو نوجوان هجان ها.“

هتي وقت هڪ مادي قدر نه پر احساساتي ۽ نفسياتي عنصر بڻجي ٿو. شاعر وقت کي regret جي صورت ۾ نه ٿو ڏسي، پر هڪ غير حاصل احساس طور پيش ڪري ٿو. هي تصور جديد وجوديت (Existential Absurdity) جي علامت آهي، جتي انسان وقت سان نه پر پنهنجي ذات جي احساس سان جدوجهد ڪري ٿو.

**عورت جو روپ ۽ محبت جو نئون تصور:**

روشن شيخ جي شاعريءَ ۾ عورت نه رڳو محبوبه آهي، پر هڪ فڪري ۽ انساني وجود آهي. پنجن قسطن ۾ لکيل هڪ نثري نظم جي، قسط (4) ۾ شاعر چوي ٿو:

”مونکي خبر آهي ته، تون بيوفائين جو شڪار ٿيل اهڙي عورت آهين
جنهن ڪڏهن پنهنجي قسمت ۾ بيوفائي ڪندڙ کي برو ناهي چيو
جنهن جي دل ۽ ڏک هڪ جيترا وڏا آهن
جيڪا ڪلڻ پلجي چڪي آهي
جيڪا اڪيلاين ۾ روئڻ کي ساهه کڻڻ وانگر ياد رکي ٿي.“

هتي عورت مظلوميت جي علامت بجاءِ همدردي ۽ عظمت جو استعارو بڻجي ٿي. شاعر عورت کي ”سماجي جدوجهد“ ۽ ”احساساتي وقار“ جي نمائندگي طور پيش ڪري ٿو. هي تصور Feminist Humanism جي ويجهو آهي، جيڪو جديد ادب ۾ عورت کي انساني تجربي جو مرڪزي جزو مڃي ٿو.

**پس ساختيات ۽ Postmodern فڪر:**

روشن شيخ جي شاعريءَ کي پس ساختياتي (Post_Structuralism) پڙهڻيءَ ۾ ڏٺو وڃي ته اهو احساس ملي ٿو ته شاعر معنيٰ جي ڪنهن مقرر مرڪز کي قبول نٿو ڪري. هر نظم ۾ معنيٰ ”تجربي جي نئين تهه“ ۾ بدلجي وڃي ٿي. مثال طور، ”انفرينڊ ٿيڻ“ رڳو رشتو ٽٽڻ نه آهي، پر جديد انسان جي Digital Isolation جو استعارو آهي. پوسٽ ماڊرن ازم فڪر ۾ Intertextuality ۽ Fragmentation اهم جز آهن. جيڪي سندس قسطن واري شاعريءَ ۾ صاف نظر اچن ٿا. هر قسط هڪ مڪمل نظم به آهي، پر گڏجي هڪ وڏو Narrative به ٺاهي ٿو. اهو ئي جديد ڪهاڻي ۽ شاعريءَ جو نئون اسلوب آهي. جتي شاعر قسط وار احساس پيش ڪري ٿو، جيئن نيٽ فلڪس جي قسط وار سيريز انساني احساس جي تسلسل کي بيان ڪن ٿيون.

**فني تجزيو ۽ ساختي وحدت:**

روشن شيخ جي فني انداز ۾ سادي لائينن جي اندر گهاٽو فڪر لڪل آهي. هن جي نظمن ۾ هي خاص عنصر ڏسڻ ۾ اچن ٿا:

1. ڏهه سال، ڏهه وڻ، ڏهه رپيا“ وغيره. جيڪو Circular Time جي علامت آهي.
2. روزاني ٻوليءَ جو لهجو، جيڪو شاعريءَ کي Authenticity ڏئي ٿو.
3. واٽس ايپ، چيڪ، فاسٽ فوڊ، ٽرين سڀ جديد علامتون آهن.
4. محبت جي رومانوي اظهار ۾ سماجي طنز.
5. سادن جملن ۾ گهري معنيٰ، جيڪا نئين نسل جي شاعريءَ جي خاص خوبي آهي.

روشن شيخ جو هيءُ ڪتاب سنڌي جديد شاعريءَ جو هڪ اهڙو اضافوآهي، جيڪو محبت، احساس، سماج، ۽ وقت جي نئين تشريح پيش ڪري ٿو. هن ڪتاب ۾ نه صرف رومانوي پر فڪري، وجودي ۽ نفسياتي شاعري پڻ آهي. جنهن شاعريءَ کي ڊجيٽل دور جي نفسيات سان ڳنڍي نئون فڪري تسلسل ڏنو آهي. سندس شاعريءَ ۾ ”انفرينڊ ٿيڻ“ جو درد دراصل جديد انسان جي اندر جي Disconnect جو استعارو آهي، جتي محبت، وقت، سماج ۽ وجود سڀ هڪ ئي درد جي مختلف صورتون بڻجي وڃن ٿا. درد جي ڏکهي شام به ڪائي اهميت نٿي رکي. ■

## غزل

**جام آدرش**

تنهنجي فڪر جا فاقه، ڪيسين ڪٽيون ٻڌا تون
جي تون نه آهين اچڻي، لڏڙا پٽيون ٻڌا تون

ٽوپي اسان رکي آ، اکڙين ۾ انتظاري
هي گهيڙ گس پنهنجا، جي چئين مٽيون ٻڌا تون

سنسان ڪيڏيو راهون، هر سمت آ اونداهي
هيءَ راه ڪيسن آخر، ويهي ڪٽيون ٻڌا تون

تنهنجي ئي دسترس ۾ خود کي اسان رکيو آ
هارائي ويهون بازي، چاهين ڪَٽيون ٻڌا تون

توتان ڇڏيون هي واري، سُکَ ساه سڀ سمورا
ٻيو ڇا آهي اسان وٽ توتان ڇٽيون ٻڌا تون.



# The Woman in Cabin 10

# ڪيرا نائٽلي ڪمزور ڪردار کي به شاندار انداز ۾ پيش ڪري ٿي

سائمن اسٽون جي هدايتڪاري ۾ رٿ وئير جي مشهور ناول جي آڌار تي ٺهيل فلم ”دي وومين ان ڪيبن 10“ هڪ نيٽ فلڪس اوريجنل مسٽري ـ ٿرلر آهي، جنهن ۾ ڪيئرا نائٽلي لورا ”لو“ بليڪ لاڪ نالي هڪ صحافي آهي ۽ صدمي مان نڪري رهي آهي. لو، جي نئين ذميواري ڪيس هڪ شاندار، ٿن ڏينهن واري ياٽ جي سفر تي وٺي وڃي ٿي، جنهن جو بندوبست ارب پتي اين بلمر (ليسا لووين ڪانگسلي) ۽ سندس مڙس رچرڊ (گاءِ پيئرس) ڪيو آهي. هيءُ فلاحي سفر تڏهن خوفناڪ رخ اختيار ڪري وڃي ٿو، جڏهن لو، ڏسي ٿي ته، هڪ عورت کي پاڙيسري ڪيبن مان ٻاهر اڇلايو ويو آهي. بهرحال، عملو ۽ مسافر سندس دعوائن کي رد ڪن ٿا.

هيءَ فلم هڪ ڪلاسيڪل اگاٿا ڪرسٽي مسٽري وانگر ظاهر ٿئي ٿي، جنهن ۾ ڪردارن جو هڪ دلچسپ ميلو مچايو ويو آهي، جهڙوڪ ڊيوڊ اَجالا لو جي اڳوڻي محبوب ۽ فوٽوگرافر بين جي ڪردار ۾ هينا واڊنگهم هڪ امير گيلري مالڪياڻيءَ طور، ۽ ڪائيا اسڪڊيلاريو هڪ سوشل ميڊيا انفلوئنسر طور. جيئن لو جهاز تي ٿيندڙ خوفناڪ واقعن جي حقيقت کي ڳولي ٿي، هوءَ وڌندڙ خطري سان وچڙي ٿيءَ پنهنجي نفسياتي مسئلن سان گڏوگڏ ڪوڙن ۽ ٺڳين جي ڄار کي به سلجهائي ٿي.

ياٽ جو محدود ماحول سنسني خيزيءَ کي اثرائتي انداز ۾ پيش ڪري ٿو، جتي ان جا شاندار ٻاهريان منظر اندروني اونداهن رازن سان تضاد پيدا ڪن ٿا. جيتوڻيڪ فلم هڪ سڌو ۽ دلچسپ اسرار پيش ڪري ٿي، ان ۾ اڳڪٿيءَ لائق موڙن ۽ ڪردارن جي فيصلن ۾ ڪڏهن ڪڏهن ڏسجندڙ غير منطقيت سبب ڪجھ



خاميون آهن، مثال طور، بين کي صرف ڪهاڻي اڳتي وڌائڻ لاءِ هڪ اوزار طور ڏٺو ويو آهي. فلم جو آخري حصو رفتار ۾ ڍرائي آڻي ٿو، جتي غير ضروري اينگهه سنسني خيزيءَ ۾ گهٽتائي پيدا ڪئي آهي.

ڪيرا نائٽلي، لو جي حوصلي مند پر ڪمزور ڪردار کي شاندار انداز ۾ پيش ڪري ٿي، ۽ گڏيل ڪاسٽ پنهنجن محدود ڪردارن ۾ ڀرپور ڪارڪردگي ڏيکاري ٿي. فلائيٽ پلان جهڙين فلمن ۽ ڪلاسيڪل ”هوڊنٽ“ سان ڀيٽ ان جي تفريحي قدر کي اجاگر ڪن ٿيون. جيتوڻيڪ ان ۾ انهن گهراين جي کوٽ آهي، جيڪي ناظرين کي واقعي متاثر ڪري سگهن، تڏهن به ”دي وومين ان ڪيبن 10“ هڪ مناسب مسٽري آهي، جيڪا مهلائتي وندر لاءِ ته چڱي آهي، پر شايد ڪو يادگار تاثر ڇڏڻ ۾ ناڪام رهي.

هن وقت نيٽ فليڪس تي اسٽريمنگ لاءِ موجود هي فلم وئير جي ناول جي مداحن يا جلدي، سنسني خيزيءَ وارو فرار ڳوليندڙن لاءِ هڪ سٺي چونڊ آهي. ■

